نينهن نوازش

(ڪلام)

حضرت فقير نظر علي ڦل
”صوفي القادري“

مرتب ۽ سهيڙيندڙ

فقير هادي بخش ڦل
”هادي لعل“

ڇپائيندڙ:

صوفي شاهہ عنايت ؒ شهيد اڪيڊمي

جهوڪ شريف ، ضلع سجاول (سنڌ)

سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

كتاب جو نالو : نينهن نوازش

مرتب : فقيرهادي بخش ڦل "هادي لعل"

ڇاپو : پهريون- ڊسمبر 2015ع

ڇپائيندڙ : صوفي شاهه عنايت شهيد اكيڊمي
جهوڪ شريف، ضلع سجاول (سنڌ)

ڪمپوزنگ : خادم جلالي

لي آئوٽ ۽ ڊزائين : محمد عمر ناريجو- پارس پرنٽنگ پريس حيدرآباد

تعداد : 500 پنج سؤ

هديو : 150سؤ روپيه

All Right Reserved

Neenh Nawazish

First Edition 2015

Quantity : 500 Copies

Composed by: Khadim Jalali

Title Design: Muhammad Umer Narejo Paras Printing Press Hyd

For Contact: 0301-3978442

Publish & Printing by: Soofi Shah Inayat Shaheed

Academy Jhok Sahrif District Sijawal Sindh.

سٽاءُ

عنوان	صفحو
دعائيہ الفاظ	1
پنهنجي پاران	3
صوفي مت جو سنيهو-ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ	8
مهاڳ- خادم جلالي	14
نعت	34
ڪافيون	35
پرتئون پيچ پائي، پرين پنهنجو ڪيو.	35
برهين بيرنگ بازر بيحد، مردن جا مئخانا	36
برھ بيرنگ بازر اندر، عاشق عشق آچار ڪري	37
هن حال تي ڪري پال پرين تون پيار ڏيندو رھ	38
عشق عقاب تکو تاب، چلي ڪونہ ٿو چارو	39
رمز رانجهن يار جي، جن کي لڳي تن کي خبر	40
قرب ڪامل يار ڪر، جاني جڏيءَ کي جيار تون	41
اٿي اڌ رات آديسي، الف سان اور اورن ٿا	42
حال حضور حسن ۾ همدم، عاشق موجون ماڻن ٿا	43
پنهنجو عشق اڏايئي عدم ڪان، ڪيڏا پرت پسارا	44
مالڪ مولا مهر اوهان جي، پال پلايون پايون ٿا	45
ڪامل مرشد قرب اوهان جا، لائي نيڻهن تون	46
واھ جادوگر جادو اکين جا، نت نت نينهن نوان	47
ٻاجھ پريون ٻئي اکيون اربيليون	48
ڏس عاشقن جا انصاف، نيزي نينهن نچائن ٿا	49
سهڻل تنهنجون اکيون اربيليون	50
تير اکين جا تاب تکيرا	51

مالڪ مولا مهر اوهان جي، ڳُٽن مٿي ڳُڻ ڳايون ٿا	52
قرب واري ڪل ڪچهري، مينهن موتين جو وسي	52
حسن جي حاشي پڙهي، دؤر دم دم دل ڪري	53
ديدن جو درياهہ، لس لهرين ۾ عاشق لوڙهي	53
ڏس پروڙي پاڻ ۾، سونهن پريو سردار	54
ڇا چئي مان ڇا چوان، محبت مينگهہ ملهارا	54
عشق شهنشاهہ مٿان عاشقن	55
عشق امام اسان جو اعليٰ، دل جو ديس وسائي ٿو	56
عاشق ڪنل اکين جا ڪيئي، پل پل پرت پڪارن ٿا	57
عشق جي آتش تاب تکيرا، عاشق جان جلائن ٿا	58
پرين پيارا پيار اوهان جا، هر دم گل گلزار چوان	59
عشق جي آتش آهہ عجائب، ٻاريو ٻارڻ ٻاري ٿي	60
حال اندر جو اور الف سان، روحي ريجهہ رهاڻ	61
مرشد مجلس موج محويت، روحي راز رهاڻ	62
ليئو دل اندر ۾ پائي تہ ڏس تون	62
مرد مولا جا موجون ماڻن، روحي رقص رهاڻ	63
سنگت ساري کي سلام	63
ڏورن ڏينهان رات، رهن يگانہ يار پنهنجي سان	64
پنهنجو پاڻ سنڀال، دلبر وينو دل اندر ۾	65
عجب نظارو نينهن وارن جو، نيزي سر نروار چوان	66
شاهہ حسن جو شان الاهي، سهڻيون اکيون سبحان چوان	66
محبت جي ميدان ۾ ڪاهي، آءُ عاشق اچي نچ تہ سهي	67
جهوڪ فنا هي ماڳ مسافر، غافل ٿي نہ گذار	67
محبت جي ميدان ۾ ڪاهي، آءُ اچي سر سَٽ تہ سهي	68
اڏر پکيئڙا وچ وطن ڏي، واعدا ڪين وسار	68
آءُ ٻاروچل اڱڻ اسان جي، ڪيون روح رهاڻ	69
عشق اکين جو عجب نظارو، عاشق عرش اڏاري ٿو	69

اصل اکين جا ڪم اهي، مرڪيو عاشق مارن ٽيون	70
هر دم حامي حال منهنجي جا	70
ڪڻ اکيون ڪل يار، ماٽا ڪري هيئن چو تا ماريو؟	71
مرد مجاهد مست ميثاقي، موج الاهي ماٽن تا	71
رمز روحاني رقص رهاٽيون، بيحد برهه بياضَ	72
پيوند ڪيو آ پيار پنهنجي سان	72
عشق واري ايوان مان، محبت موجون ماڻ تون	73
ويجهو وصل واپار، سوز وصل سڪ عشق امانت	73
سي حرفي- سنڌي	74
سي حرفي- سرائڪي	80
بيت سنڌي	85
بيت سرائڪي	88

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم

دعائيہ الفاظ

کيرئ رُوپي ست نام هے، نير رُوپي بيوهار،
هنس رُوپي کوئي ساده هے، تت کا چهانن هار.
"بهگت کبير"

جيئن تہ درگاهہ جهوڪ شريف سان لاڳاپيل علم ادب، تاريخ، تحقيق ۽ شخصيتن تي تحقيقات جو ڪم جاري آهي. ان سلسلي ۾ هن وقت ڏاڏا سائين صاحب ڪريم صوفي عبدالستار شاهہ (ثاني) جن جي اهل دل سدا حيات طالب فقير نظر علي ڦل صوفي القادري جي ڪلامن جو ڪتاب بعنوان "نينهن نوازش" هٿن ۾ آهي جنهن کي ڏسي پڙهي دل بيحد خوش ٿي آهي ڇو تہ هي فقير پنهنجي مرشد هاديءَ سان تا ابد پنهنجو نينهن نباهڻ جو ثبوت پيش ڪري چڪو آهي، اها پڻ خوشيءَ جي ڳالهہ آهي تہ سندس اولاد پڻ ساڳي ئي دم قدم سان هن درگاهہ سان اڄ بہ واڳيل آهي، انهي حال کي ڏسي ڀڳت ڪبير جو هي بيت دل تي اچي ٿو:

نيهہ نبهاهے هي بنے، سوچے بنے نہ آن،
تن دے من دے سيس دے، نيهہ نہ ديجے جان.

فقير نظر علي ڦل صوفي القادري پنهنجي ڪتاب "نينهن نوازش" ۾ پنهنجي مرشد هادي حضرت صاحب ڪريم جن جا جيڪي ڳڻ ڳايا آهن ۽ دلي محبت ۽ عقيدت جو اظهار

ڪيو آهي سو لائق تحسين آهي. ان کان علاوه سندس ڪلام جي پختائي ۽ صوفيانہ رمزن اشارن ۽ گھاڙيٽن جي استعمال سبب صوفيانہ ادب ۽ تصوف جي راهہ ۾ سنگ ميل جي حيثيت رکي ٿو.

ڪتاب "نينهن نوازش" هن درگاهہ جي صوفي ادبي ڦلواڙي جو هڪ سھڻو گل آهي، جنهن جي سڳنڌ جو واس سنڌ جي صوفي حضرات ۽ ادب جي عشاقن لاءِ يقينن قيمتي روحاني تحفو ثابت ٿيندو.

دعا آهي تہ شاهہ شهيد جي درگاهہ سان واڳيل سمورن فقيرن جون دليون شاهہ شهيد جي روحاني فيض سان تا ابد پرپور پُر نور ۽ هر دم ثابت قدم رهن. (آمين).

صوفي عطا الله شاهہ ستاري
سجاده نشين
درگاهہ معليٰ جھوڪ شريف

پنهنجي پاران

تصوف ئي هڪ اهڙي جڳ مڳ جرڪندڙ بي تعصب جوت آهي جيڪا طبقاتي ۽ فرقيواريت واري ڪٽر پڻي جي اونداهيءَ مان انسانيت کي آجو ڪري وحدانيت جي ان با مقصد واٽ تي آڻي ٿي، جنهن لاءِ هي ڪُل انساني جيوت تخليق ٿي آهي.ٻالڪپڻ کان بابا سائين جن منهنجو هٿ وٺي ان روحانيت واريءَ راهه تي پنڌ ڪرڻ سيکاريو. جيون جا ڪيترائي ڏينهن راتيون ان راز ڀري راهه تي هلندو رهيس. ساڌن، سنتن، صوفين، سامين جي سنگت، روحي ورونهن ۽ راڳ ويراڳ جو واس روح اندر رچندو رهيو ۽ دل صوفياڻي ريٽي رنگ ۾ رنگبي رهي.بابا سائين جن جي برقعه پوشيءَ کانپوءِ دل تي اها چنتا رهندي پئي آئي تہ سندس صوفيانہ شاعري جي ڇڏيل امانت کي ڪنهن طريقي سان سهيڙي تصوف جي امانتدارن وٽ پهچائڻ گهرجي.مالڪ مرشد پاڪ جا لکين احسان جنهن مونکي ذهني استقامت بخشي هن نيڪ ڪم کي تڪميل تي پهچائڻ ۾ هر دم روحاني مدد فرمائي.مون لاءِ اهو وڏو اعزاز آهي جو بابا سائين جن جي ڪتاب "نينهن نوازش" جي اشاعت لاءِ ڪوشش وٺي پنهنجي ديرينہ خواب کي ساڀيان جي منزل تي پهچايو آهي.ٿورائتو آهيان پنهنجن انهن دوستن جو جن جي ادبي، اخلاقي، علمي، عملي ۽ اصلاحي سهائتا سان هي ڪتاب شايع ٿي سگهيو آهي.

خادم الفقراءُ
فقيرهادي بخش ڦل
"هادي لعل"



حضرت صاحب ڪريم صوفي عبدالستار شاه ثاني رحہ



حضرت صاحب ڪريم صوفي عطاءُ اللّٰه شاھ ستاري



حضرت فقير نظر علي ڦل صوفي القادري

فقير نظر علي سائين جن جا فرزند

فقير هادي بخش هادي لعل ۽ منور حسين

صوفي مت جو سنيهو

سنڌ صوفين ۽ سنتن جي نگري آهي. ائين ٿو لڳي تہ الله پاڪ جيڪي ڀلا ۽ ڀلارا انسان پيدا ڪيا، انهن جي گهڻائي ڪي سنڌ جي سر زمين تي آباد ڪيو. هيءَ اها ڌرتي آهي، جنهن لاءِ ڪتابن ۾ اچي ٿو تہ آڙين جي آڌار نبين جي سردار حضرت محمد مصطفىٰ ﷺ جن کي اتان ٿڌي هير محسوس ٿي.هر مذهب جي ماڻهوءَ کي هن ڌرتي پنهنجي سيني ۾ جاءِ ڏني. ڪنهن کي بہ مذهبي ڪٽرپڻي جي شڪايت ڪرڻي نہ پئي. ان جو وڏي ڪان وڏو ڪارڻ تصوف جو اثر ئي آهي. تصوف ڪو الڳ دين ڌرم ڪونهي، هن روحانيت جي رستي جي ابتدا ۽ انتها مذهب اسلام ئي آهي.
اهو مذهب جنهن انسان کي محسوس ڪرايو تہ هو اشرف المخلوقات آهي ۽ ڌڻيءَ جو خليفو آهي، هن مذهب ۾ بندي ۽ خدا جي دوريءَ کي ختم ڪيو ۽ انسان کي ٻڌايو تہ هو اجايو ۽ بي مقصد زندگي گذارڻ لاءِ پيدا نہ ڪيو ويو آهي. هيءَ ڪائنات هن لاءِ جوڙي وئي آهي ۽ هي فقط ئي فقط ڌڻي تعالىٰ کي تلاش ڪرڻ، ڄاڻڻ، سڃاڻڻ ۽ ظاهر ڪرڻ لاءِ خلقيو ويو آهي. رب پاڪ هڪ لڪل ڪاڻ آهي ۽ جڏهن ڪيس خيال آيو تہ سندس پاڪ ذات سڃاتي وڃي تنهن لاءِ انسان کي پيدا ڪيو ويو تہ جيئن هو پاڻ کي فنا ڪري پاڪ ذات جي بقا جي شاهدي ۽ ثابتي ڏئي انسان اهو مقصد ۽ اها امانت کڻي هن دنيا ۾ آيو آهي.
الله پاڪ پنهنجي ذات پاڪ کي ظاهر بہ ڪيو آهي تہ باطن ۾ بہ رکيو آهي. حاضر بہ آهي تہ غائب بہ آهي، هو ساهہ جي رڳن کان ويجهو آهي ۽ ڏنو وائنو جهڙوڪ نظرن کان پري آهي، نڪي اوڏو اک کي بہ آهي تہ نہ کي نظر کان ڏور بہ آهي. عجيب طلسم آهي. عجيب ماهر آهي ۽ عجيب انداز آهي. انهن ڳالهين تصوف کي مڙس ماڻهن جو مامرو بڻائي ڇڏيو آهي. هن راهہ ۾ جو منصور ٿيو تہ ماريو ويو، ماريو ويندو پر جي ٿانءِ ڀريو سانير ٿيو تڏهن بہ بہ ٽنگون ڦاسي پوندو. هاتيءَ کي ڇبر ۾ لڪائڻ سولو آهي پر تصوف جي روحاني رمزن ۽ وارداتن کي راز ۾ رکڻ ڏکيو ڪم آهي.
تصوف جي وهنوار ۾ ڏاڍي قابليت ۽ صلاحيت جو مظاهرو ڪرڻو پئي ٿو. شيشي جي بوتل کي لوهہ جي سنداڻ تي اهڙي زور سان هڻڻو آهي جو دنيا جهان ٽڪراءَ مان پيدا ٿيندڙ ٺڪاءُ بہ ٻڌي پر شيشو بہ نہ ٽٽي! بندي کي پنهنجي آپي مان بہ نڪرڻو ڪونهي ۽

پاڪ ذات جي اول ۽ آخر، ظاهر ۽ باطن هئڻ جي شاهدي بہ ڏيٽي آهي.شاهہ ڀٽائي رحمت الله فرمايو آهي:

نهائين ۾ ڪان نينهن سڪ منهنجا سپرين،
سڙي سارو ڏينهن،ٻاهر ٻاڦ نہ نڪري.

ان ڪري اسانکي صوفي بزرگن ۽ رهبرن اهو ڏس ۽ ڏانءُ ڏنو آهي "پاڻ" کي پاڻ مان ڪڍي ڇڏ. ڇو تہ اها "مان" توکي مارائيندي. "جيڏانهن ڪيان پرک تيڏانهن سڄڻ سامهون " مطلب اهو آهي تہ تون ئي تون آهين ۽ مان ڪجهہ بہ ناهيان. مان نہ اڳ هيس ۽ نہ پوءِ رهندس، مان فاني آهيان ۽ مونکي فنا ٿيڻو آهي، انهيءَ فنا ۾ ئي انا جي بقا آهي، اها ئي حقيقي عشق جي منزل آهي. تصوف انهيءَ ئي رندي راهہ جو نالو آهي.

سنڌ جي صوفي بزرگن پنهنجي روحاني تجربن، معرفت جي منزل، تصوف جي ڏکن ۽ پيچرن بابت ويچار ونڊڻ لاءِ شاعري جو ذريعو ڪتب آندو آهي. شاعري انساني اظهار جو اهڙو طريقو آهي، جنهن ۾ پنهنجن تجربن، مشاهدن ۽ وارداتن جي سموري ڳالهہ بہ ڪري سگهجي ۽ حدن اورانگهڻ کان بہ بچي سگهجي ٿو. ڳالهہ مام ۾ ڪري سگهجي ٿي، تشبيهن ۽ استعارن جو سهارو وٺي سگهجي ٿو ۽ پنهنجي شاعريءَ کي بارش جو اهو قطرو بڻائي سگهجي ٿو، جيڪو سپَ جي منهن ۾ پئي موتي پيدا ڪري ٿو ۽ نہ ڪي سَپَ جي منهن ۾ پئي زهر بڻجي وڃي ٿو. تصوف بہ اهو ئي بارش جو قطرو آهي، جنهن کي سِپ جي پياس پوري ڪرڻي آهي ۽ نڪي سَپَ جي منهن ۾ وڃي زهر ٿيڻو آهي. ان ڪري تصوف (**الصِّرَاطَ الْمُسْتَقِيمَ**) "پلصراط ثاني " وارو رستو آهي. اها پلصراط جيڪا تلوار کان بہ تکي ۽ وار کان بہ سنهي آهي.تصوف سنڌي شاعري جو روح آهي، سنڌي شاعري مان تصوف ڪڍي ڇڏجي تہ اهڙو گل بڻجي پوندي، جنهن ۾ رنگت تہ ضرور هوندي پر روحاني خوشبو محسوس نہ ٿيندي. سنڌ جي هر صوفي بلڪ ائين چئجي تہ ڪنهن دڳ ۽ پيچري واري صوفي سنت شاعري ڪئي آهي. صوفي شاعري جي فني لوازمات تي توجہ ڏيڻ بدران

ان ۾ فطرت جي پالوت ڪرڻ تي گهڻو ڌيان ڏنو آهي. سنڌ ۾ "پابند شاعر" جي هڪ هٽي ٽوڙڻ واري جيڪا تحريڪ اسان جي دؤر ۾ ترقي پسند طبقي هلائي، ان جون پاڙون تاريخ جي پاتال ۾ جڙيون پيون آهن. اهي صوفي بزرگ ئي آهن، جن شاعري جي فني حوالي سان ائين آزاد ڪيو جيئن جواني آزاد ٿيندي آهي ۽ درياهه جي رواني آزاد ٿيندي آهي. منهنجي هٿن ۾ جڏهن صوفي نظر علي فقير ڦل جي ڪلام جو مسودو "نينهن نوازش" آيو ته صوفي شاعرن جون مٿي ذڪر ڪيل ۽ ٻيو ن ڪيتريون روايتون اکين آڏو تري آيون.

صوفي نظر علي فقير جو هي صوفياڻو ڪلام هڪ طرف سندس قلبي ۽ روحاني واردات، مشاهدات جي عڪاسي ڪري ٿو ته ٻئي طرف تصوف ۽ عملي خواه نظري هيئيت ۽ حيثيت تي روشني وجهي ٿو. شاعري جي هن ڳٽڪي کي جيڪو عنوان يا نالو ڏنو ويو آهي اهو سندس ئي شاعري جي مصرائن مان ورتو ويو آهي. هن صوفي شاعر "نينهن نوازش" جو ٻٽو لفظ پنهنجي ڪلام ۾ هڪ ڪان وڌيڪ هنڌن تي ڪتب آندو آهي. جيئن:

1. نظر علي تي نينهن نوازش، بلڪل باغ بهار چوان.
2. نظر علي تي نينهن نوازش، سائين هر دم ساڻ.
3. نظر علي تي نينهن نوازش، محبت موج مدام.
4. نظر علي تي نينهن نوازش، پرينءَ پسايو پاڻ.
5. نظر علي تي نينهن نوازش، ڪاهيو قرب قطاري ٿو.
6. نظر علي تي نينهن نوازش، عشقئون دل اڏارن ٿيون.
7. نظر علي تي نينهن نوازش، مليا ڏوڙا ڏاڻ سخي.

صوفي نظر علي فقير جي شاعريءَ جي هن ڪتاب جو نالو يا عنوان ئي سندس صوفياڻي فلسفي ۽ شاعري جي مقصد تي روشني وجهڻ لاءِڪافي آهي. انهن ستن مصرائن ۾ هن صوفي شاعر جهڙوڪ ستن سمندن کي ڪوزي ۾ بند ڪيو آهي.

”نينهن نوازش“ جو ٻٽو لفظ پنهنجي سيني ۾ روحانيت ۽ عشق الاهي جي هڪ اهم مام محفوظ ڪئي آهي. ”نينهن نوازش“ جو مفهوم ۽ مطلب اهو ئي آهي تہ انسان، الاهي سگهہ، توفيق ۽ هدايت ڪانسواءِ مولا پاڪ جي محبت ماڻي نٿو سگهي. هي هڪ نوازش آهي ۽ رب پاڪ جنهن کي چاهي تنهنکي نوازي ٿو. سڌ ڪرڻ ۽ سعيو ڪرڻ عشق ۾ منزل ماڻڻ جي ضمانت نہ ٿيندا آهن، اهڙيءَ ريت حسب نسب ۽ ڪسب ڪم جا ڪونہ ٿيندا آهن. بس جنهن کي پرين چاهي يا ڪو مثالي پريت سان پرينءَ کي پاڻ ڏي متوجہ ڪري.اها عشق جي عنايت ۽ نينهن جي نوازش ئي آهي جو عاشق صادق پاڻ کي ۽ ماحول کي باغ بهار محسوس ڪري ٿو. محبت جي دائمي موج ماڻي ٿو ۽ عين اليقين جي اک سان ڏسي ٿو تہ سائين هن سان هر دم ساڻ آهي. هن ڪتاب جو عنوان نالو نينهن نوازش تصوف جي اهڙين روحاني رمزن جي نشاندهي ڪري ٿو.

صوفي نظر علي فقير ڦل تي اها ”نينهن نوازش“ چٽبي. جنهن ڪيس شاعر جو روپ ڏنو ۽ هن پنهنجي شاعري ۾جيڪي بہ ڳالهيون ڪيون آهن، اهي ”نينهن نوازش“ جو داستان ئي آهن. سندس شاعري ۾ هو پاڻ آهي ۽ سندس صوفيانو مسلڪ آهي جنهن ۾ هن پنهنجي روحاني هادي جو ذڪر ڪيو آهي. فقير جي شاعري نئين صوفيءَ لاءِ دڳ ۽ پيچرو آهي جنهن ۾ تصوف جي راهہ جو ڏس پتو موجود آهي.تصوف انسان کي پاڻ وڃائڻ ڪان پاڻ

سڃاڻڻ واري وات وڻائي ٿو. تصوف ۾ مرڪزي ڏاڪو **من عرف نفسہ فقدعرف ربہ** جي تعليم تي رکيل آهي. پاڻ سڃاڻڻ جي اها ڳالھ صوفي نظر علي ڦل هن ريت ڪري ٿو:

الف: اورن اندر ۾، ڳجهو ڳالهائين،
پرت وڻن پاڻ مان، روحي راز رهن،
اتــن ويهن پاڻ ۾، بيو ڪين ٻڌن،
نظر علي وجن، اڏريا پنهنجي عشق سان.

جڏهن پاڻ منجهان پاڻ پري ڪجي ٿو تہ پوءِ پنهنجو پاڻ سڃاڻجي ٿو، بقول فقيرنظر علي:

پنهنجو پاڻ سنڀال، دلبر وينو دل اندر ۾،
ونحن اقرب واحد ويجهو، مجلس محب مقال،
عينن واری اول نمبر ۾.
وفي انفسڪم سمجهہ سنيهو، عشق سندوحوال،
محبت واري موج مندر ۾.

تصوف صوفي کان وڏين وڏين رياضتن ۽ عبادتن جي تقاضا ڪري ٿو تہ جيئن انسان اندر اجرو ڪري آئينو بڻائي ۽ ان ۾ پرين پسي سگهي. اها منزل ڳالهين جي ڳهير ٿيڻ سان نہ پر مجاهدا ڪري من ماري ميڻ ڪرڻ سان ملي ٿي. ان سلسلي ۾ نظرعلي فقير اسان کي ٻڌائي ٿو تہ:

- اتــي اڌ رات آديســي، الــف ســان اور اورن ٿــا،
  ڪٽي لا جي، سي ڪاهوڙي جسم پنهنجو جهورن ٿا.
- پتنگ پنهنجي پَر ۾ پورا، قربئون قدم وڌائن ٿا،
  شائق شؤق شمع جي شعلي، خوشي ڳُوري ڪاٽن ٿا.
- ڏس عا شقن جا انصا ف، نيزي نينهن نچا ئن ٿا،
  لائي توڙي نڀهن ٿا.

تصوف کو اک جي ماکي لاهڻ جهڙي ڪرت ڪانهي، هتي پاڻ پچائڻو ٿو پئي. تصوف نالو آهي عشق جو، اهو عشق جنهن لاءِ نظر علي فقير فرمائي ٿو ته:

عشق جي آتش آهه عجائب، ٻاريو ٻارڻ ٻاري ٿي،
جانب جيءُ جياري ٿي.
سوز سراسرسيني سمائي پرتئون جام پياري ٿي.
جانب جيءُ جياري ٿي.
ٻاهه برهه جي الا اثاري، سهجئون سر سينگاري ٿي.
جانب جيءُ جياري ٿي.

صوفي نظر علي فقير جو هي ڪتاب نه فقط تصوف جي عاشقاڻي انداز ۾ روحاني تعليم جو ذريعو آهي پر سنڌي شاعري جي معيار ۽ منفرد انداز جو اولڙو پڻ آهي. خاص طور تي هن ڪلام ۾ جيڪي فني تجربا ڪيا ويا آهن اهي سنڌي وائي ۽ ڪافي کي سينگارڻ ۽ سنوارڻ برابر آهن. فقير صاحب ”عشق“ ، ”اکين“ ۽ ٻين اهم موضوعن تي دل کولي شعر چيا آهن. جن جو مطالعو شاعري جي شاگرد لاءِ نه فقط دلچسپي جو باعث آهي پر معلومات ۾ اضافي جو ڪارڻ پڻ آهي.

اسان جي محترم صوفي منش ۽ درويش صفت دوست، صوفي نظر علي فقير جي فرزند سائين هادي لعل هن ڪتاب جو انتخاب ڪري ترتيب ڏئي. سنڌي ٻولي ۾ ۽ صوفياڻي ادب ۾ گران قدر اضافو ڪيو آهي. جنهن لاءِ هن جس لهڻي.

ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ
باني گل حيات انسٽيٽيوٽ

مهاڳ

سڀ تعريف جي لائق ڪُل ڪائنات جو اهو مالڪ آهي، جنهن پنهنجي حسين ترين مخلوق حضرت انسان کي پنهنجي صورت تي ٺاهيو، منجهس پنهنجي روح منجهان روح ڦوڪيو، کيس پنهنجي اندر جي احساسن ۽ ڪيفيتن کي بيان ڪرڻ جي ڏات پڻ عطا فرمائي.

اهڙي طرح انسان کي اشرف المخلوقات جو سهڻو لقب عطا فرمائي هن حسين ترين ڌرتيءَ تي پنهنجو نائب ڪري موڪليو انهيءَ ڪري هن ڌرتيءَ تي آدم ئي سر الاهي آهي ۽ ساڳي ذات الاهي جو اولڙو آهي. انسان ذات جي عزت عظمت ۽ خدمت ۾ ئي الله تعالىٰ جي ويجهڙائي ۽ حقيقي راضپو سمايل آهي. الله تعالىٰ انسان سان اهو به عهد ڪيو ته ”تون مونکي ياد ڪندو رهه ته مان تنهنجو يادگيرو ڪيان “. آدم کي اهو علم به ڏنو ويو ته هي سارو جهان ۽ هن جهان جي اندر جيڪي ڪجهه آهي اهو فاني آهي ناپائدار آهي ۽ صرف الله پاڪ جي ذات بابرڪات ئي غير فاني آهي اَمُر آهي. رب جي ذات کي ئي بقاءُ آهي. هر ساهه واري کي موت جو ذائقو چکڻو آهي ۽ پنهنجي حقيقي مالڪ وٽ وري واپس موٽي اچڻو آهي. انسان جي ذات کي وڏيڪ تاڪيد ڪندي اهو امر به تاڪيد ۾ شامل ڪيو ويو ته هن ڌرتيءَ تي وڃي پنهنجن نفسن کي ميرو گدلو يا ناپاڪ نه ڪجو، ڇو ته جڏهن اوهان کي واپس موٽايو وڃي ته اوهان جا نفس اهڙا پاڪ صاف هجڻ گهرجن جهڙي حالت ۾ هتان کين پاڪ صاف موڪليو پيو وڃي. اهڙي امر لاءِ وڏيڪ رغبت ڏياري وئي آهي ته ”جن پنهنجن نفسن کي پاڪ ڪيو انهن وڏي ڀلائي حاصل ڪئي “. (دع نفسڪ وتعال من هناڪ) پنهنجي نفس کي ڦٽو ڪر ۽ مون ڏانهن (رجوع ٿي) اچ.

الله تعالیٰ جا موڪليل نبي، پيغمبر سڳورا، ولي اولياءَ، اهل دل صوفي درويش ذات الاهي جي امر ڪي هنئين سان هنڍائي **لا اله الا الله** واري واڻ وني پاڻ بہ هلندا رهيا ۽ الله تعالیٰ جي مخلوق کي بہ وحدانيت، هيڪڙائي، محبت، انسانيت ۽ بي تعصبي واري واٽ تي هلڻ جو درس ڏيندارهيا آهن.اهي وحدت جي واٽ جا پانڌيئڙا، جن جي روحاني شمع جي روشني تي پتنگ وانگر پنهنجو تن من ڌن ارپي الاهي ذات جي عشق جو مزو ماڻيو، انهن ڳاڻ ڳڻين وحداني واٽ وندن عارفن ۽ اهل دل درويشن ۾ صوفي نظر علي فقير ٿل جو نالو بہ پنهنجو منفرد ۽ مٿاهون مقام رکي ٿو.

صوفي نظر علي فقير جي وصال جو سال 17 ڊسمبر1995ع آهي سندس ظاهري عمر 77 سال ليکي وڃي ٿي، جنهن مطابق فقير جي جنم جو سال 1918ع ٿئي ٿو.

آباؤاجداد:

فقير صاحب جا وڏا اوائلي دؤر کان اچي ڳوٺ ٽالپر وڏا ۾ آباد ٿيا هئا. هتي ڪهڙي سبب آيا ۽ ڪڏهن آيا اهڙو ڪو بہ مستند تاريخي حوالو نہ ٿو ملي پر پوءِ بہ ايترو ڪجهہ معلوم ٿي سگهيو آهي تہ سندن وڏو ڏاڏو خان محمد ٿل هو ڪيس ٿي پٽ هئا. جن مان سندس وڏي پٽ محمد يوسف کي ستن پٽن جو اولاد ٿيو، انهن مان سندس ڇهون نمبر پٽ صوفي نظر علي فقير هو. جنهن جي ڪلام کي اڄ ڪتابي شڪل ڏني وئي آهي. فقير صاحب جو شجرو هن ريت آهي:

ٿقير نظر علي ساگينة جي خانداني شجرو



اوائلي زندگي ۽ تعليم تربيت:

فقير سائين جن ظاهري شروعاتي تعليم پرائمري اسڪول ٿالپر وڏا ۾ محترم استاد جمعه خان سومرو جي زير نظر و هدايت، سنڌي ٿن درجن تائين حاصل ڪئي. ان بعد سندس والد بزرگوار جي رحلت ڪرڻ ڪري ۽ وقت جي نزاڪت کي پروڙيندي نظر علي فقير ڦل تعليم کي الوداع چئي، پنهنجي والد بزرگوار جي اباڻي ڪار، ٻني ٻاري جو ڪم اچي سنڀاليو. پوکيءَ جو ڪم به فقير سائين پاڻ تمام گهڻي دلي جذبي ۽ محنت سان ڪيو. فقير صاحب وٽ تمام سٺن ڏاندن جا ٻه جوڙا ڏاريل هئا ۽ ٻه محنتي هاري به هميشه ساڻس گڏ رهندا آيا. جيڪي ٻني ٻاري جي ڪم ڪار ۾ سندس مدد ڪندا رهندا هئا. اهڙي طرح ٻني ٻاري جو ڪم سندس عمر جي وڏي حصي تائين ڪاميابي سان جاري رهيو.

شادي ۽ اولاد:

فقير صاحب 42 سالن جي عمر ۾ شادي ڪئي، جنهن مان کيس استاد هادي بخش - هادي لعل (هن ڪتاب جو مرتب ۽ سهيڙيندڙ) ۽ منور حسين ٻه پٽ عطا ٿيا ۽ ٻن نياڻين جو اولاد ٿيو. فقير نظر علي سائين جو وڏو فرزند هادي بخش ننڍپڻ ڪان وٺي پنهنجي والد بزرگوار سان گڏ اولياءَ الله سائين در محمد فقير هيسباڻي (دو ﷫)جي ڪچهري ۾ هر وقت موجود رهندو هو. سائين درمحمد فقير هيسباڻي (دو ﷫) جن تمام گهڻي پيار ۽ پاٻوهه سان کيس ”هادي لعل “ جي لقب سان سڏيندا هئا. انهيءَ حوالي سان سندس ساڳيو لقب ”هادي لعل“ اڄ تائين هلندو پيو اچي.

مجازي عشق:

مجازي عشق بابت هڪ خاص چوڻي آهي: ”المجاز قنطرت الحقيقت“ جنهن جو مطلب آهي مجاز حقيقت جي چاڙهي آهي، ان جو مثال ائين آهي جيئن سونارو سون کي صاف ڪرڻ لاءِ ڪوٺاري ۾ وجهي باهه تي رجائي منجهانئس مير، مٺ ڪڍي اوجر ڏئي سون کي خالص ڪندن بنائيندو آهي تئين ئي مجازي عشق جي باهه به انسان جي دل مان ساڙ، حسد، وير، ڪينو، هٺ وڏائي، مغروري، لوڀ لالچ، حرص هوس ۽ ڪوڙ ڪپٽ جهڙيون ڪثافتون ساڙي مير مٺ، ڪس ڪٽ ڪان آجو ڪري دل کي آئيني وانگر اجرو بنائي حقيقي عشق جي چاڙهيءَ تي پهچائي ٿو ڇڏي. دل جي اوجر ڪان پوءِ عاشق پنهنجي دل جي اجريل آئيني ۾ الاهي ذات جو اولڙو ڏسي ٿو. اهڙي طرح حقيقي عاشق ذاتي محبت جو معراج ماڻيندي فنا في شيخ، فنا في رسول، فنا في الله ۽ بقا باالله جون منزلون اورانگهي حقيقي ذات سان هڪ ٿي وڃي ٿو.

صوفي نظر علي فقير به جڏهن پنهنجي محبوب جي صفاتي سونهن تي موهجي مست ٿي مجازي محبت جي مچ ۾ پچڻ پڃرڻ لڳو ته عين انهي مجازي عشق جي آڙاهه اندر ڪيس پنهنجي مرشد هادي جو هٿ مليو: جنهن جي دعا سان ساڳيو ئي ابراهيمي آڙاهه گل گلزار جو نمونو ٿي پيو ۽ فقير سائين پنهنجو پاڻ کي وحدت جي واديءَ ۾ حقيقي برهه جي باغن ۾ بيٺل ڏٺو.

ش: شهنشاهه حسن تساڏا، لحظي دل لٽيندا هي،
حسن تساڏا هادي رهبر، وحدت وندڻ وندبيندا هي،
بيواهان دي واهه حسن هي، جام محبت ڏيندا هي،
نظر علي ڪر نينهن نوازش، روحي رمز رليندا هي.

روحاني واٽ وٺڻ:

جڏهن حسن مهتاب عالم تاب برهه جا باب کولي، جسماني بوتي اندر عشق جي آڳ جا ٻارڻ ٻاري برهه جي ٻني گرم ڪئي ته فقير جي سيني ۾ سڪ سوز، ڏک درد جا دونهان دکي پيا. جن فقيرصاحب کي وڏيڪ وقت ويهڻ نه ڏنو ۽ مرشد هاديءَ جو هٿ وٺڻ، طريقت جي درياهه مان پار تري معرفت جون موجون ماڻڻ ۽ حقيقت ۾ هڪ ٿيڻ لاءِ سندس اندر ۾ وڏو اتساهه جاڳيو. ان وقت حاجي خوش خير محمد فقير هيسباڻي جي اولاد مان فقيرخيرمحمد (سوئم) تنهن وقت ۾ پڙهڻ جي خيال کان ڳوٺ ٽالپر وڏا ۾ ايندڙ هئا. صوفي نظر علي فقير پنهنجي دل جي سموري حقيقت ۽ اٽل ارادو سندس اڳيان اظهار ڪندي عرض ڪيو ته "مونکي اهڙي ڪنهن ڪامل درويش جو ڏس ڏيو، جنهن کي پنهنجو مرشد هادي بڻائي وحدانيت جي واٽ وٺي سگهان "جنهن تي سائين خير محمد فقير جن ڪيس درگاهه شاهه عنايت شهيد جهوڪ واري سجاده نشين، شمس العارفين صاحب ڪريم سائين عبدالستار شاهه (ثاني) جو دست بعيت طالب ٿي ذڪر فڪر حاصل ڪرڻ جي صلاح ڏني. نظر علي فقير ڦل انهيءَ صلاح کي يڪدم قبول ڪري درگاهه جهوڪ شريف لاءِ روانو ٿيو. حالانڪ فقير سائين هن کان اڳ ۾ انهيءَ پنڌ جو واقف نه هو پر پوءِ به پنهنجي دل جي مراد پوري ڪرڻ لاءِ درگاهه جهوڪ شريف جا پنڌ پيچرا پڇائيندو نيٺ پنهنجي دلي مقصد واري منزل تي اچي رسيو. صاحب ڪريم سائين عبدالستار شاهه (ثاني) جي قدم بوسي ڪري، پنهنجي من جي منشا ماڻڻ لاءِ سندن خدمت ۾درخواست پيش ڪئي. پاڻ صاحب ڪريم جن سندن اهوعرض قبول ڪري کيس دلداري ڏيندي فرمايو ته "نظر علي سائين، ڪو به فڪر نه ڪيو هاڻي اوهان صحيح جاءِ تي

اڇي پهتا آهيومرشد اوهان سان هردم ساٿي آهي ". ان بعد حضرت صاحب ڪريم سائين عبدالستار شاه ثاني جن فقير نظر علي سائين کي الاهي ذڪر فڪر جي تلقين سان نوازيو ۽ جهوڪ شريف جي درگاهہ جي رائج دستور مطابق ڪيس گيڙو دستار پڻ ٻڌرائي ۽ فقير کي ڳوٺ واپس ورڻ جي اجازت ڏيندي صاحب ڪريم جن فرمايو "فقير سائين هاڻي اوهان جلد ڳوٺ وڃو جو اوهان جي امڙ کي توهان جو وڏو انتظار آهي ". جڏهن صوفي نظر علي فقير پنهنجي ڪامل مرشد هادي کان الاهي ذات پاڪ جي ذڪر فڪر جو فيض حاصل ڪري وري واپس ڳوٺ پهتو تہ واقعي پنهنجي امڙ کي سندس ئي انتظار ۾ ڏٺو. ڳوٺ اچڻ ڪانپوءِ فقير سائين وقت بوقت پنهنجي مرشد هاديءَ جي قدم بوسيءَ لاءِ درگاهہ جهوڪ شريف تي حاضري ڀريندو رهيو. نظر علي فقير پنهنجي مرشد هادي صاحب ڪريم سائين عبدالستار شاهہ (ثاني) جي ساڪي پنهنجن ڪيترن ئي بيتن ڪلامن ۾ ڏني آهي: جن مان هڪ نموني طور پيش ڪجي ٿي:

پنهنجو اٿئي پاڻ ۾ ساڳيو سر ستار،
ونحن اقرب ويجهڙو، وٿي ناهي وار،
نظر علي نروار، آهي عشق الله جو.

وقت گذرندو رهيو، فقير نظر علي درگاهہ جهوڪ شريف تان روحاني فيض حاصل ڪندو رهيو، ڪو وقت اهڙو آيو جو سندس مرشد حضرت صاحب ڪريم سائين عبدالستار شاهہ (ثاني) ڪيس فرمايو تہ ڳوٺ ڏڙو، لڳ ميرپور بٺورو ۾ اسان جا ڪجهہ طالب فقير رهن ٿا، انهن فقيرن کي توهان وڃي سنڀاليو تہ جيڪر ڏاڍو چڱو!! نظر علي فقير پنهنجي مرشد جي حضور ۾ ادب جا هٿ جوڙي عرض ڪيو قبلا سائين هي بندو سائين جن کان

روحاني عشق جو ونڊ ونڊڻ لاءِ آيو آهي. ”فقير جي اهڙي سهڻي جواب تي صاحب ڪريم جن خوشيءَ سان مسڪرائيندي نظرعلي فقير کي پنهنجي پاڪر ۾ آڻي سندس پيشاني تي چمي ڏيندي فرمايو نظرعلي سائين اوهان کي عشق مبارڪ هجي اوهان ڪامياب ٿي ويا. پنهنجي مرشد جي دلي دعائن سان فقير نظر علي سائين تادم هر دم، دم اسم سان پورو پابند رهيو ۽ زندگيءَ جي آخري گهڙي ۾ به فقير جو دم ذاتي اسم کان خالي نه رهيو.

طالب ٿيڻ کان پوءِ جي زندگي:

حق جي طلب حاصل ڪرڻ کان بعد فقير سائين کان زماني جا ڪم ڪاريون ڇڏائبا ويا. هر وقت ذڪر فڪر ۾ گم رهيو. روزمره جي وقت مان اڪثر وقت پنهنجي روحاني پيشوا جي پرتوي مان الاهي ذات جو اولڙو پسڻ جي جدوجهد جاري رکندو هو. پنهنجي باقي حياتي لوڪ ستي کان پوءِ رات جو اٿي مراقبو ڪري پنهنجي مرشد پاڪ جي سمجهايل سبق جو ورد ڪندو هو. هر حال هر وقت با وضو ۽ ذڪر فڪر ۾ مڪمل ڪامل ۽ شامل حال رهندو هو. سندس قيل مقال فقر، با ادب ۽ روحاني هوندي هئي. فقير سائين وڏي همت، جرئت ۽ ثابت قدمي سان علم اليقين، عين اليقين کان حق اليقين جو معراج ماڻي معنوي منزل جي اتاهين مقام تي مستحڪم ثابت قدم رهيو.

محبت جي ميدان ۾، غازي گهوٽ اچن،
سر تريءَ سورهيه ڪنيو، مانجهي ڪين مڙن،
جي وجن وحدت واٽ سان، وري ڪين ورن ،
نظرعلي روز رهن، محبت واري ملڪ ۾.

هڪ پيري صاحب ڪريم سائين عبدالستار شاهہ (ثاني)،صوفي نظر علي فقير جي دعوت تي ڳوٺ ٽالپر وڏا ۾ پهتا اتفاق سان ان وقت فقير در محمد هيسباڻي بہ هتي موجود هيا. ٻنهي عارفن ولين جي روبرو ملاقات ٿي. روحاني ورونهن ٻنهي ذرين جون دليون پاڻ ۾ پيوند ڪري ڇڏيون.

حضرت صاحب ڪريم جن نظر علي فقير جو هٿ وٺي سائين درمحمد فقيرهيسباڻي جي هٿ ڏئي فرمايو قبلہ منهنجوهي فقير اڄ کان اوهان جي حوالي آهي، انهيءَ جي اوهان کي هر طرح جي پارت آهي. انهيءَ ڏينهن کان وٺي فقير در محمد سائين جن نظرعلي فقير جو تمام گهڻو خيال رکندا هئا. صاحب ڪريم جن ڪڏهن ڪڏهن نظر علي فقير جي هٿ فقير در محمد سائين ڏانهن شاعري جي ڪا هڪ سٽ طرح طور موڪليندا هئا، جنهن تي در محمد سائين هيسباڻي جن پنهنجي طبع آزمائي ڪندا هئا، سائين درمحمد فقير هيسباڻي جي ڇپيل رسالي ۾ اڄ بہ اهڙا ٻہ ڪلام ملن ٿا جن ۾ نظر علي فقير جو حوالو ڏنل آهي. انهن ڪلامن جو نمونو پيش ڪجي ٿو.

مطع:

پهريون وجائي پاڻ، پوءِ سڃاڻج پاڻ تون.
نينهن نظرعلي نيبهہ ناظر، شاهہ نصيرسان همدم حاضر،
موجوداتي ماڻ، آهہ تو ساڻ سڃاڻ تون.

فقير در محمد سائين جن جو اهڙو ٻيو ڪلام پيش آهي جنهن ۾ پڻ نظر علي فقير جو حوالو ڏنل آهي.

مليو هادي حيدر شاهہ ميان،
گهَر ويني گهُر حُر حاڪم جيان
نظرعلي سان نينهن نوازش، نسنگ ٿيونيباه ميان.

هم عصر شاعر:

شمس العارفين سخي درمحمد فقير هيسباڻي (دوم ؒ) درگاهه خوش خير محمد فقير هيسباڻي تعلقه فيض گنج، عاشق الستي صوفي علي محمد فقير ٽالپر درگاهه صوفي جلال فقير ٽالپر وڏا، سيد علي شاهه مست سهڪجي وارو، غازي غمدل فقير رتوديرو ۽ محمد فقير گهوٽو.

هم صحبت صوفي فقير:

اهل الله درويش درمحمد فقير هيسباڻي (دوم ؒ) درگاهه فيض گنج، خيرمحمد فقيرهيسباڻي (سوئم) صوفي علي محمد فقيرٽالپر، ٽالپر وڏا، صوفي الهه بخش فقير ٽالپر وڏا، زوارعرض محمد فقيرسهاڳ، يارمحمدفقير قاضي، لعل بخش فقيرخاصخيلي، فقير محمد فقير خاصخيلي ٽالپر وڏا، صوفي آچر فقير ساڪاڻي، جلال الدين فقير ساڪاڻي، سائين حسين شاهه بوزدار وڏا، علي گل فقير جلالاڻي درگاهه نصير فقير جلالاڻي، رمز علي فقير ڦل ٽالپر وڏا، محمد فقير گهوٽو، امام الدين فقير ڍڪڻ، پنهل فقير جوڻيجو مرزاپور،فتح علي فقيرهيسباڻي فيض گنج،خدابخش فقيرجسڪاڻي، پنهل فقيرجسڪاڻي، فقيرمحمد ابراهيم ملاح محرابپور، الهرکيو فقيرخاصخيلي محرابپور، گلڻ فقير ميٽڪ، در محمد فقير خشڪ خانواهڻ، پنهل فقير کوسو ٽالپر وڏا، وندر فقير ساڪاڻي، لعل شاهه ۽ عظيم شاهه گهوٽڪي، سچل فقير مست کوري پير جو ڳوٺ، نروار علي فقير ڳوٺ فوٽو خاصخيلي لڳ جسڪاڻي، فقير استاد الهه وسايو شنباڻي بوزداروڏا، رانجهن علي فقيرٽيبو ٽالپر وڏا، ميهر فقير چاڪراڻي، سائينداد فقير چاڪراڻي، بنگل فقير چاڪراڻي، دين محمد فقير خاصخيلي ٽالپر وڏا، سيد تراب علي شاهه ٽالپر وڏا، مير خان فقير ٽالپر وڏا ۽ محمد حيات فقير ڦل، ولي محمد فقير خاصخيلي ٽالپر وڏا. فقير غلام رسول آخوند خيرپور ميرس ۽ فولاد علي فقير شر.

ابدي آرامگاهہ ڏانهن سفر:

جيئن تہ هر انسان پنهنجي مالڪ حقيقيءَ طرفان مليل مقصد ڪٽي ڪنهن مقرر مدت لاءِ هن جهان ۾ آيو آهي ۽ مليل وقت پوري ٿيڻ بعد ڪيس هن جهان مان وڃڻو آهي. تئين انهيءَ امر الاهيءَ جي اها تقاضا ٿي تہ فقير سائين پنهنجي ابدي آرام گاهہ ڏانهن واپس وري. هن فاني دنيا جو مقرر دستور آهي تہ ڪنهن بہ تبديليءَ لاءِ ڪو نہ ڪو سبب پيدا ٿيڻ گهرجي. فقيرنظر علي تي ظاهري عمر جي آخري سال ۾ دم جي بيماري حملو ڪيو، سندس علاج ڪرايو ويو پر حياتي سندس ساٿ نہ ڏنو. آخر هي پرڏيهي پکي 17 ڊسمبر 1995ع، مطابق 27 رجب 1416 هجري آچر جي ڏينهن 3 وڳي صبح جو پنهنجي جسماني پڃري کي پڃي پوري، آفاق جي پولارن ۾ پرواز ڪندو پنهنجي ابدي آرامگاهہ ڏانهن اڏامي ويو. هن اڏام کان اڳ سندس چيل شعر هن ريت آهن:

- اڏر پکيئڙا وڃ وطن ڏي، واعدا ڪين وسار،
  ديس ڇڏي پرديس تي، آئين سانگي ڪنهن سيّار
  نڪري هل ناسوت منجهاران، نظر علي نروار.

ڪلام تي هڪ نظر:

صوفي نظرعلي فقير جو ڪلام هڪ عدد سرائڪي سي حرفي ۽ ڪجهہ سرائڪي بيتن کان سواءِ باقي سڀ ڪلام سنڌي ٻوليءَ ۾ بيتن ۽ ڪافين تي ٻڌل آهي جن ۾ هڪ عدد سنڌي سي حرفي پڻ موجود آهي. سندس شاعري مختلف گهاڙيٽن، تجنيسن، استعارن ۽ تشبيهن سان ڀرپور نموني سينگاريل آهي. جڏهن تہ صوفي نظر علي جي ڪلام ۾ وحدانيت جو رنگ مرشد هاديءَ جي ساراهہ، ناصحانن نقطن ۽ پنهنجي حقيقي مالڪ جي حسن جي

تعريف جو تمام وڏو خزانو آهي. جنهن جو ڪجھ نمونو پڙهندڙن ۽ ادب جي پارکن جي مطالعي لاءِ عرض آهي.

صنعت ملمع:

(ڪلام ۾ استعمال ٿيل قرآني آيتون ۽ عربي مقولا)

1. **مُوۡتُوۡا قَبۡلَ اَنۡتَ مُوۡتُوۡا.**

ترجمو: مرڻ کان اڳ ۾ ئي مري وڃو.

فقيرسائين جو ڪلام:

عاشق سولي سر سينگاري، گهوٽ بڻن گُل گانا،
موتوا قبل انت موتوا، باغ بقا بستانا.

2. **فَاذۡ كُرُوۡنِيۡ اَذۡ كُرۡكُمۡ** (سورة بقره، رڪوع 18)

ترجمو: تنهنڪري اوهين مونکي ياڪيو مان اوهانکي ياد ڪندو رهندس.

فقيرسائين جو ڪلام:

ذ - ذاتي ذڪر ڪر، ڏي فڪر جا ڦيرا،
فاذڪروني اذڪرکم ڪر پونئرن جيئن پيرا،
ونحن وينو ويجهڙو، لائي دل اندر ديرا.

3. **وَنَحۡنُ اَقۡرَبُ اِلَيۡهِ مِنۡ حَبۡلِ الۡوَرِيۡدِ.** (سورة ق رڪوع 2)

ترجمو: اسان(آدمکي) ساھ وارين رڳن کان بہ وڌيڪ ويجها آهيون.

فقيرسائين جو ڪلام:

پنهنجو اتئي پاڻ ۾، دل جي دري ڪول،
ونحن اقرب ويجهڙو، پل نہ بي ڪنهن پول،
ڳجهي ڳالھ ڳجھ جي، ڳولو ٿي تون ڳول،
نظر علي بول، پنهنجو اتئي پاڻ ۾.

4. **لَا تَقۡنَطُوۡا مِنۡ الرَّحۡمَتُ اللّٰهِ.** (سورة زُمر سيپاره 24)

ترجمو: الله جي رحمت مان نا اميد نہ ٿيو.

فقيرسائين جو ڪلام:

لا تقنطو ڪري تڪيو، صحيح سنيهو سڄاڻ تون.

5. **لَامَقْصُوْدُ فِي الدّارَيْنَ اِلَاهُوَ.**

ترجمو: ٻنهين جهانن ۾ هن ذات کانسواءِ ٻيو ڪو بہ مقصد ڪونهي.

فقيرسائين جو ڪلام:

ز- زوراور ذوق ذاتيءَ جا ، واميئڙا سونهان،
لامقصود في الدارين الاهو، روحي راز روان،
وحدت واري واٽ ۾ ڪن وصل ورونهان،
پهتا پرينءَ پار ڏي، لائي نينهن نوان،
نظرعلي سير سنوان جانب جوڳيئڙن جا.

6. **خَلَقَ اللّٰهِ آدَمَ عَلىٰ صُوْرَة. (مقولو)**

ترجمو: آدم کي پنهنجي صورت تي خلقيائين.

فقيرسائين جو ڪلام:

خلق الآدم علىٰ صورت، سر صحيح ڪر سارو،
نظرعلي ڏس نور نظارو، هر دم پنهنجو پاڻ ۾.

7. **واللّٰه بکل شيءٌ محيط.**

ترجمو: هر شئي اللّٰه جي قبضي ۾ آهي.

فقيرسائين جو ڪلام:

ق- قدر ڪر، جند جان صدق سرسارو،
پاڻ وڃائي پاڻ ۾ ڳولج، پاڻ ۾ پرت پسارو،
الانساني پاڪ پيشاني، پس نوري يار نظارو،
والله بکل شيءٌ محيط، سڀ ۾ سڄڻ پيارو،
نظر علي نينهن نغارو، هڻ نفيءَ جو اثبات ۾.

8. **وَفِيْ اَنْفُسَكُمْ اَفَلاَ تُبْصُرُوْنَ. (سوة الذاريت)**

ترجمو: ۽ خود اوهان جي اندر ۾ موجود آهيان پوءِ ڇا اوهان کي ڪجهہ نظر نہ ٿو اچي؟

فقيرسائين جو ڪلام:

پنهنجو اٿئي پاڻ ۾ ساڃيو سر ستار،
وفي انفسکم افلا تبصرون، دل اندر ديدار،
اورون اورج پاڻ ۾، ڪر وحدت جو واپار،
نظر علي پيار، پنهنجو اٿئي پاڻ ۾.

تشبيهہ:

- سهڻيون اڪيون سبحان، ڪنديون ڪيف ڪڪوريون،
ڪن مشتاقن تي مار، اعليٰ عجب اسرار اڪين جو.

- عشق آتش آڙاهہ، جوان جلائي پتنگ پروانا،
باغ برهہ بستان، گهوٽ غازي گلزار اڪين جو.

- ديدن جو درياهہ، لس لهرين ۾ عاشق لوڙهي،
سورهيہ سير سنوان، دم دم ڪن ديدار اڪين جو.

استعاره:

- نسنگ نينهن آهي شينهن، ڪائي خون عاشق جو،
زورئون زور ڪري شور، آهي نا ميو نيارو.

- قرب واري ڪل ڪچهري، مينهن موتين جو وسي.
عشق عقاب تڪو تاب، چلي ڪو نہ چارو.

- اڪيون راند ڪن ٽيون باند، اچي عاشق ويچارو.

ڪنايہ:

عاشق ڪنل اڪين جا ڪيئي، پلپل پرت پڪارن ٿا،
ويل نہ ڪنهين وسارن ٿا.
مرد مجاهد باهہ برهہ ۾، ٻارڻ ۾ سر ٻارن ٿا،
ويل نہ ڪنهين وسارن ٿا.
گهور حسن گهوٽ گهايا، گوندر منجهہ گذارن ٿا،
ويل نہ ڪنهين وسارن ٿا.

تجنيس حرفي:

- ونحن اقرب واحد ويجهو، مجلس محب مقال،
عينن واري اول نمبر ۾.

- عشق اويڙو الٿ اواگهين، ملن ناهي مجال،
بيحد بازي برهه بحر ۾.

- مرد مولا جا مؤجون ماڻن، روحي رقص رهاڻ.

- نظر علي ٿي نينهن نوازش، محبت موج مدام.

- حال حضور حسن ۾ همدم، عاشق موجون ماڻن ٿا،
ملڪ محبت مرڪ تنين جو، پنهنجو پاڻ نہ آڻن ٿا.

تجنيس لاحق:

- هي حال سهڻا ڳالهہ، سڻو سُور سڻايان،
جاڳيو جوش ناهي هوش، تون منٺار ايندو رهہ،

- سوين سور پون پور، حسن گهور آ گهايو،
گهندڙ کول منا ٻول، تون وفادار ٿيندو رهہ.

- نہ ڪر هاڻ اسان ساڻ، ايذيون جاني جدايون،
هر وار سڄڻ يار، تون ديدار ڏيندو رهہ.

- نسنگ نينهن، آهي شينهن، ڪائي خون عاشق جو،
زورئون زور ڪري شور، آهي ناميو نيارو.

- برهہ بازي ڪيڏن غازي، رهن راضي رضا تي،
شوقئون شهيد ڪن ٿا عيد، هڻن نينهن نغارو.

صنايع معنوي (ايهام):

- نظر علي آ ساڳي صورت، صاحب ڪريم ستار،
سهڻا آهين ساڻ تون.

- صاحب ڪريم ستار، دل گهريو ديدار اکين جو.
- صاحب ڪريم ستار سدائين، محب منو مننار چوان،
  بلڪل باغ بهار چوان.

تجنيس مڪرر:

تير اکين جا تاب تکيرا، گهور حسن جي گهٽي گهٽي،
دورؤن دوناليون دلبر سائين، سڌيون سيني ۾ ستي ستي،
جادو جلوو جوڙ حسن جو، جهٽ پٽ دلڙي جهٽي جهٽي،
حسن هزاري همدم حملا، سر عشاقن ڪٽي ڪٽي.

تجنيس خطي:

تير اکين جا تيز تکيرا، عاشق ماري جيئارن ٿيون.

نصيحت:

- دم حياتي ڏينهڙا، محبت گهڙيون گهار،
  وٺ مسافر واٽ وحدت جي، پنهنجي سرت سنيار،
  لاهوتي لهريون لنگهي، پرت پهتا وجي پار،
  نڪري هل ناسوت منجهاران، نظر علي نروار.

- جهوڪ فنا هي ماڳ مسافر، غافل ٿي نہ گذار،
  هلڻو هر گز هر ڪنهن آهي، پلپل پوي پڪار.

ف: فڪر ڪر اٿئي فاني دنيا، ماڳ مسافر خانو
جنهن سانگي سير ڪرين ٿو، محبت لهہ مئخانو.

- دم حياتي گهڙيءَ گذارو، اکيون اندر جون پٽ تہ سهي پلا،
  هل همٿ ڪر هوت پنهنجي ڏي، جود ڪري وٺ جهٽ تہ سهي پلا،
  سورهيہ سندرو سوگهو ساهي، بازي برهہ جي ڪٽ تہ سهي پلا،
  نظر علي ڪر سر جو سودو، ڪوڙ ڪپٽ ڪي ڪٽ تہ سهي پلا.

- محبت جي ميدان ۾ ڪاهي، آءُ عاشق اچي نچ تہ سهي يلا،
باهہ برهہ جي ڀيڙ پڙڪا، پئي پتنگ جيان پچ تہ سهي يلا،
پيءُ پيالو هٿان هاديءَ جي، موج انهي ۾ مچ تہ سهي يلا.

- پنهنجو پاڻ سڃاڻ، دلبر وينو دل اندر ۾.

- حال اندر جو اور الف سان، روحي ريجهہ رهاڻ،

جاڻ انهيءَ کي جاڻ تون.

انفسڪم اندر اشارو، صاحب تو سان ساڻ،

پنهنجو پاڻ سڃاڻ تون.

ڪـــــروني نيـڻهن نياپو، اهو اٿئي اهڃاڻ،

پنهنجو پروڙج پاڻ تون.

نسنگ نظر علي نينهن نوازش، منجهہ وجود وٿاڻ،

پنهنجو نہ آڻج پاڻ تون.

اکيون:

- سـڄڻ تنـهنجون اکيون اريليون، گهورن سان دلڙيون گهَليون.
لائي توڙ نباهن ٿيون.
سهڻيون اکيون سوزوارن کي، راز پريو رنگ لائن ٿيون،
لائي توڙ نباهن ٿيون.
شهنشاه شاهي شهباز اکيون، چست چنبن ۾ چائن ٿيون،
لائي توڙ نباهن ٿيون
ڪنديون ڪيف ڪڪوريون ڪجليون، ڪوپن جا ڪنڌ لاهن ٿيون،
لائي توڙ نباهن ٿيون.
نسنگ نظر علي نينهن نوازش، پيچ پريت جا پائن ٿيون،
لائي توڙ نباهن ٿيون.

- تيرِ اکين جا تاب تکيرا، گـهور حـسن جـي گهتي گهتي،
دورئون دوناليون دلبر سائين، سڌيون سيني ۾ سٽي سٽي.

عشق:

- آهي عشق امام اسانجو، شاهنشاه مردانا،
نينهن نظارو عجب نهايت، نيزي سرنيشانا.

- عشق عقاب تکو تاب، چلي ڪونہ تو چارو،
اکيون راند ڪن ٿيون باند، اچي عاشق ويچارو.

- عشق جن سر آئيو، ساٽ پري سک سوز جا،
سوکڙيون سورن سنديون، آتشي تن جا اثر.

- عشق اکين جا عجب نظارا، عشق وڏا انعام چوان،

- عشق آتشي آڙاھ، جوان جلائي پتنگ پروانا،
باغ برھ بستان، گهوٽ غازي گلزار اکين جو.

- عشق شهنشاھ، متان عاشقن محبت مينهن وسائين تون،
ناچو نينهن نچائين تون.

- عشق امام اسانجو اعلیٰ، دل جو ديس وسائي ٿو،
ڏس نينهن نوان ڪيئن لائي ٿو.

عشق شهزادو شاھ حسن جو، هر جا حڪم هلائي ٿو،
ڏس نينهن نوان ڪيئن لائي ٿو.

عشق عجائب عين اشارو، عاشق عرش اڏاري ٿو،
ڏس نينهن نوان ڪيئن لائي ٿو.

- سورمي سولي س سهنگاري، گيت انا الحق ڳائن ٿا

- عشق الوهيت اوج الاهي، عرشين خيال اماڻن ٿا.

- عشق آگم سر عاشقن، بيرنگ برھ بادل پري.

- عشق جي آيت پڙهن تا عاشق، ساري سپ سيپارا،
پرور پرين پيارا.

حسن:

- حسن هزارين گهوٽ گنوايا، جلوي جادو سان.
- شاهه حسن جو شان الاهي اکيون بڻي سبحان چوان.
- شاهه حسن جي جوت جلايا، پرت پتنگ پروان چوان.
- حسن تنهنجي جا سوين سلامي، لکين لک هزار،
قيد ڪيو ڏيئي عين اشارو.
- جلوو جوڙ حسن جو، جهٽ پٽ دلڙي جهٽي جهٽي.

مطلب ته فقير نظر علي وٽ ڪافي چوڻ جو وڏو ڏانءُ آهي. سندس شاعري سهڻي فن ۽ فڪر جو سنگم آهي. فقير سائينءَجي شاعري ڏکڻ جي ٿڌي هير جهڙن جهوٽن مثال آهي، جنهن ۾ چيٽ جي مند ۾ رابيلن جي نئين ڦوٽهڙي جهڙي سڳنڌ آهي. ادبي لحاظ کان فقير سائينءَ جو ڪلام ادب جي ڪينواس تي رچيل رنگا رنگي رنگن جي ڪائنات آهي. شاعري جي رواني ڪنهن حسينه جي پيرن ۾ پاتل پازيبن جي جهنڪار آهي، جنهن ۾ مور جي ناچ جهڙو ردم آهي. فني لحاظ کان سندس شاعري تمام عجيب گهڻن گهاڙيٽن ۽ خوبين واري شاعري آهي. هن جي ڪلام جي جمالياتي ڪيفيتن ۽ منظر ڪشي جو هڪ نئون نرالو انداز آهي. انهن سيني خوبين کان وڌيڪ بهترين اها خوبي آهي ته هن پنهنجي محبوب جي عشق کي پاڻ تي ڪو بار وزن يا مصيبت محسوس نه ڪيو آهي. ۽ نه وري عام شاعرن وانگر ڏاڍ گهوڙا ڪري پنهنجي محبوب کي ڪو طعنو، مهڻو يا ميار ڏني آهي. فقير نظر علي پنهنجي محبوب جي نينهن کي پنهنجي مٿان خاص نوازش ڄاڻي آهي. فقير نظر علي پنهنجي محبوب جي عشق کي حقيقي رهبر هادي يا امام ڄاڻي ان جي اشاري تي لبيڪ چئي مجازي مومل جي

طلسماتي ڪاڪ محل جا ڪرف ڪڙا ٽوڙي وحدانيت جي واٽ وٺي اڳتي نڪري ويو آهي.

- عشق امام اسانجو اعلىٰ، دل جو ديس وسائي ٿو.
- عشق عجائب عين اشارو، عاشق عرش اڏائي ٿو.

فڪري لحاظ کان فقير سائين جي شاعري سراسر حقيقي ذات ۽ مرشد جي ساراهہ ۽ ان جي اڳيان عجز ۽ انڪساري واري شاعري آهي. فقير سائين جي شاعري جو مول متن پيائيچاري، رواداري، امن، انصاف، صلح، سچائي، سهپ جي ساڃاھ جو سڏ ۽ الله تعالىٰ جي ذات سان سچي عشق جو پيغام آهي. جنهن تي عمل ڪرڻ هر عقلمند انسان جو اولين فرض آهي. صوفي نظر علي فقير جو ڪلام خالص صوفيانہ شاعري جو مڪمل نمونو ۽ تصوف جي واٽ ۾ هڪ وڏيڪ اهم قدم آهي، جو ڪيس سنڌ جي پلوڙ صوفي شاعرن جي شمار ۾ آڻي ٿو.

قوي يقين آهي تہ هي ڪتاب سنڌي ٻولي، خواهہ سنڌي اديبن، دانشورن ۽ وحدانيت جي واتهڙن لاءِ هڪ بهترين تحفو ثابت ٿيندو. آمين!

خادم جلالي
(ٽالپر وڏا)

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

نعت

محمد يا رسول اللهؐ سهڻو سينگار تنهنجو آ،
نظارو نينهن وارن جو، دلي ديدار تنهنجو آ.

ركي معنىٰ اونهي آئين، سراسر سير تنهنجو آ،
ڳجهي هي ڳالهہ آ ڳجهہ جي، نالونروارتنهنجوآ.

هزارين حال جا پائي، هكوئي حال تنهنجو آ،
انا احمد بلا ميمي، اهو گفتار تنهنجو آ.

نوراني نور تون نرمل، نوري انوار تنهنجو آ،
پهري چولو كري اولو، اچڻ اسرار تنهنجو آ.

نظرعلي قرب تنهنجي سان، جڙيو جنسارهي سارو،
هيڏي هن حال منهنجي جو اصل آذار تنهنجو آ.

ڪافي-1

پرتئون پيچ پائي، پرين پنهنجو ڪيو. لهي غم وهم سڀ دل جو ويو.

ڏسي حسن هاديءَ جو حيران ٿيا، قابو قرب اکين ڪڙي قيد ڪيا،
مانجهي محبت ۾ مدهوش رهيا، باري بار برهه سامين سرتي سهيو.

لکين عاشق ڏسڻ لئي ليلائن ٿا، ڦيريدار تي ڦيريون پائن ٿا،
منيون محبت ڳالهيون ڳڻ ڳائن ٿا، صحيح عشق سبق سڪ پڙهڻو پيو.

پتنگ پنهنجو پاڻ پچائن ٿا، جيئري جان جگر کي جلائن ٿا،
اهي لعل شمع لنئون لائن ٿا، ڏنئون ڏيل اندر ۾ ٻريل ڏيئو.

سهڻل يار ستار جو پيار سدا، مليو قرب ڪريمي قرار سدا،
حامي دلدل جو هسوار سدا، سهڻو سير سفر سڀ سانگ ٿيو.

نينهن نظر علي سان نباهيندا، پرين پير اگڻ اچي پائيندا،
هي سائل سڏي سيني لائيندا، منهنجي دل اندر ائين آهي چيو.

ڪافي-2

برھين بيرنگ بازر بيحد، مردن جا مئخانا،
حال حسن ۾ ھمدم رھڻا، سوز گداز سامانا،

عاشق اڏيءَ تي اچن اجارا، سر ڪٽي سلطانا،
قربئون ڪنڌ ڪپائي غازي، گوءِ ڪٽن ميدانا،

عاشق سولي سر سينگاري، گھوٽ ٻڌن ڳل ڳانا،
موتو قبل انت موتو، باغ بقا بستانا.

عاشق عشق اڏاري عرشين، روحي راز روانا،
راھہ رندي ءَ جو عجب طريقو، اندر ۾ آستانا.

آھي عشق امام اسانجو، شاھنشاھہ مردانا،
نينھن نظارو عجب نهايت، نيزي سر نشانا.

اکين نظر علي چال عجائب، شوق شڪار شاھانا،
ڪيئي عاشق، ڪُھن ڏھاڙي بيحد بات بيانا.

ڪافي_3

برھہ بيرنگ بازر اندر، عاشق عشق آچار ڪري،
حسن هزاري، حال وصل ۾ سودو سر واپار ڪري،

ليلا خاطر مجنون بر ۾، بيٺو سر اختيار ڪري،
ولين وڪوڙيو ور ور ڏيئي، سھٹا گل گلزار ڪري.

سھٹي سيردرياھہ ۾ دم دم، محبت ميھر يار ڪري،
سسئي سونهان سورجبل ۾، پنھل ڪي پوڪار ڪري.

رانجھن راھہ روانو رنگپور، ترڪ تخت هزار ڪري،
هير سان روحي رمز رلائي، عشق پنھنجو اظهار ڪري.

عشق سخي پرجام پياري، حال محبت هوشيار ڪري،
سھٹو سجڻ اسانجو، ڪرم پنھنجا قربدار ڪري.

شيرين لئي فرهاد فراقي، جنگ جبل جھونجار ڪري،
نينھن نظارو عجب اکين جو، نظر علي نروار ڪري.

ڪافي_4

هن حال تي ڪري ڀال پرين تون پيار ڏيندو رهہ،
دلگير ڪي دلدار دم دم، تون آڌار ڏيندو رهہ.

فيراق آ ڦٽيو دل ڪي دونهان درد دکايا،
پيالو پيار جيءَ جيئار، تون ڏاتار ڏيندو رهہ.

هي حال سهٽا ڳالهہ، سهٽو سور سٽايان،
جاڳيو جوش ناهي هوش، تون منٺار ايندو رهہ.

سوين سور، پون پور، حسن گهور آ گهايو،
گهندڀ ڪول منا ٻول، تون وفادار ٿيندو رهہ.

نہ ڪر هاڻ اسان ساڻ، ايڏيون جاني جدايون،
هر وار سڄڻ يار، تون ديدار ڏيندو رهہ،

نسنگ نظر علي تي ڪيو نينهن نوازش،
پنهنجا پيار دلنار، سائين ستار ڏيندو رهہ.

ڪافي_5

عشق عقاب تکو تاب، چلي ڪونہ ٿو چارو،
اکيون راند ڪن ٿيون باند، اڇي عاشق ويچارو.

نسنگ نينهن آهي شينهن، ڪائي خون عاشق جو،
زورؤن زور ڪري شور، آهي ناميو نيارو.

برھ بات وائي وات، ٿي هيهات حيراني،
عجب چال ڳجهي ڳالھ، آهي نيٽن نظارو.

عشق عاشق جي، جوشئون جان جلائي،
محبت مينهن راتيان ڏينهن جيئن وسي وسڪارو.

برھ بازي ڪيڏن غازي، رهن راضي رضا تي،
شوقئون شهيد ڪن ٿا عيد، هٽن نينهن نغارو،

نظر علي آ سائل، سڄ سوال سندس سهٽا،
اڱڻ آءُ ڳلي لاءِ آهين، ساھ جو سهارو.

ڪافي_6

رمز رانجهن يار جي، جن کي لڳي تن کي خبر،
گهوٽ ڪيئي گهائيا هن ناز نيڻن جي نظر.

سرنسنگ نروار نيزي، نينهن نمازون ٿا پڙهن،
پاڪ تن جي پيروي، سامين سندا سرها سفر.

عشق جن سر آئيو، ساٿ ڀري سڪ سوز جا،
سوڪڙيون سورن سنديون ۾، آتشي تن جا اثر.

حسن جي جلوي جلايا، عشق جي آڙاهہ ۾،
پاس پروانا پڙهي ٿيا، عشق جا اوڪا اکر.

ناز نيڻن جي نهوڙيا، نينهن ۾ نروار ٿيا،
منجهہ محبت موج مستي، برهہ بي پايان بحر.

نظر علي چئي نينهن وارا، سڪ سبق پڙهندا وتن،
سي فراقن ۾ فنا ٿيا، عشق آهوڙيا تن اندر.

ڪافي_7

قرب ڪامل يار ڪر، جاني جڏيءَ ڪي جيار تون،
درد دل جا دور ڪر، بخش پنهنجو پيار تون.

پل نٿي توريءَ سري، دلڙي دکي دانهون ڪري،
سوز ۾ سڏڪا پري، محبوب منهن ڏيکار تون.

بخش بديون بدڪار جون، ڏي وٿيون پر پيار جون،
ٿين خوشيون ديدار جون، وجھ نہ وٿي ڪا وار تون.

بي رنگيني راھ مان، دلبر دلي درگاھ مان،
فيض جي درياھ مان، پر جام جاني پيار تون.

دل جا مونجھارا معاف ڪر، دور ڪشالا ڪاف ڪر،
پياسي جي پوري پياس ڪر، حق حيدر ڪرار تون.

عرض هي منظور ڪر، حاضر پنهنجي حضور ڪر،
برھ ۾ پرپور ڪر، نسنگ نظر علي نروار تون.

ڪافي_8

اٿي اڌ رات آديسي، الف سان اورن اورن ٿا،
ڪٽي لآ جي سي ڪاهوڙي، جسم پنهنجو جهورن ٿا.

ڏسن ٿا پاڻ ۾ پنهنجو، سهڻو ساقي سامهون ويجهو،
سدا سي موج محبت ۾، گهوريو سر ساهه گهورن ٿا.

ڏوري ڏيلئون اندر پنهنجي، ڏيئو ٻاري ڏيکارن ٿا،
روحاني راز ۾ رلمل، قربئون ڪنڌ ڪورن ٿا.

وحدت واري واٽ جا واسي، وصل ويراڳ ۾ وينا،
رهاڻيون راز روحاني، چاهئون سي چنگ چورن ٿا.

جوڳي جيءَ ۾ جوڳ جڳت سان، راول رام ريجهائن ٿا،
رقص روحاني رمز رندي سان، سڳو سڪ سوز سورن ٿا.

نظر علي نينهن ۾ نانگا، نسنگ ناتو نباهن ٿا،
سچا سامي سدا سنرا، راتيان ڏينهان ڏورن ٿا.

ڪافي_9

حال حضور حسن ۾ همدم، عاشق موجون ماڻن ٿا،
ملڪ محبت مرڪ تنين جو، پنهنجو پاڻ نہ آڻن ٿا.

واڌ وحدت وصل ورونهان، واقف ورھ وسائن ٿا،
مست رهن مخمور مدامي، پنهنجو پاڻ پڇاڻن ٿا.

پتنگ پنهنجي پر ۾ پورا، قربئون قدم وڌائن ٿا،
شائق شوق شمع جي شعلي، خوشي کوري ڪاڻن ٿا.

رمزرنگي رنگ راز روحاني، قرب ڪريمي ڪاهن ٿا،
عاشق پنهنجي عشق ۾ پورا، ثابت سر سڄاڻن ٿا.

سورهيہ سولي سر سينگاري، گيت انا الحق ڳائن ٿا،
عشق الوهيت موج الاهي، عرشين خيال اماڻن ٿا.

نظر علي عشق عجائب، نيزي نينهن نچائن ٿا،
عاشق عشق معشوق ملهائي، پنهنجو پاڻ ڄاڻن ٿا.

ڪافي-10

پنهنجو عشق اڏايئي عدم ڪان، ڪيڏا پرت پسارا،
پرور پرين پيارا.

پنهنجو تماشو پاڻ پسين ٿو، قِسما قِسم نظارا،
پرور پرين پيارا .

لکين لک لباس اوهان جا، جاڏي ڪاڏي جنسارا،
پرور پرين پيارا.

پهري پوش صفاتي آئين، سمجهن سمجهڻ وارا،
پرور پرين پيارا.

عشق جي آيت پڙهن ٿا عاشق، ساري سپ سيپارا،
پرور پرين پيارا.

نسنگ نوازش نينهن نظر علي، بلڪل باغ بهارا،
پرور پرين پيارا.

ڪافي_11

مالڪ مولا مهر اوهان جي، پال پلايون پايون ٿا،
ڳڻن مٿي ڳڻ ڳايون ٿا.

اکيون البيليون انگل عجائب، سيني سپ سمايون ٿا.
ڳڻن مٿي ڳڻ ڳايون ٿا.

ناز نيڻن جا تير تکيرا، پنهنجي سر وسايون ٿا،
ڳڻن مٿي ڳڻ ڳايون ٿا.

عشق اوهان جو دولت دل جي، روحي راز رلايون ٿا،
ڳڻن مٿي ڳڻ ڳايون ٿا.

سبق سڪ جا عشق پڙهايا، محبت مچ مچايون ٿا،
ڳڻن مٿي ڳڻ ڳايون ٿا.

نظرعلي ٿي نينهن نوازش، سڪ جا ساز وڄايون ٿا،
ڳڻن مٿي ڳڻ ڳايون ٿا.

كافي-12

كامل مرشد قرب اوهان جا، لائي نينهن ن ب اهين تون،
هر جا ها دي حا مي تون

بيوا هن جا واهر وسيلا، سڏ يو سيني لائين تون،
هر جا هادي حامي تون

طالب پنهنجا تا ر مان تا ري، پهرئين پور پڄائين تون،
هر جاهادي حامي تون

قرب كريمي قا ئم د ائم، سا ڻ سد ائين آهين تون،
هر جاهادي حامي تون.

سوز وارن کي سرڪ سوائي، پيا را پا ڻ پيارين تون،
هر جاهادي حامي تون

نينهن نوازش نظر علي سا ن، محبت ما م ملائين تون،
هر جاهادي حامي تون

ڪافي_13

واهہ جادوگر جادو اکين جاۂ نت نت نينهن نوانۂ
چا چئي چا چوانۂ سودو حسن بازار چوان.

پيارين اکڙين پيار سانۂ عاشق خوش ٿي کنيانۂ
چا چئي چا چوانۂ سودو حسن بازار چوان.

ديد ڏيکارن عاشق جيارنۂ راز روحاني روانۂ
چا چئي چا چوانۂ سودو حسن بازار چوان.

ترڇي نظر جا خوني خنجرۂ لڳن سيني سنوانۂ
چا چئي چا چوانۂ سودو حسن بازار چوان.

عشق اکين جا عجب نظاراۂ عشق وڏا انعام چوانۂ
چا چئي چا چوانۂ سودو حسن بازار چوان.

نظرعلي ٿي نينهن نوازشۂ برهين بوند بهار چوانۂ
چا چئي چا چوانۂ سودو حسن بازار چوان.

ڪافي_14

ٻاجھہ پريون ٻئي اکيون اربيليون، جانب جيءَ جيارن ٿيون،
جام ڪوثر پيارن ٿيون.

قرب اکين جو قائم دائم، عاشق پنهنجا اجارن ٿيون،
جام ڪوثر پيارن ٿيون.

سهڻيون اکيون سڪ منجهارئون، عاشق عرش اڏارن ٿيون،
جام ڪوثر پيارن ٿيون.

سهڻيون اکيون صاف سدائين، عشق جا ونڊ ورهائن ٿيون،
جام ڪوثر پيارن ٿيون.

تير اکين جا تيز تکيرا، عاشق ماري جيئارن ٿيون،
جام ڪوثر پيارن ٿيون.

نسنگ نظر علي نينهن نوازش، نازن ساڻ نهارن ٿيون.
جام ڪوثر پيارن ٿيون.

ڪافي-15

ڏس عاشقن جا انصاف، نيزي نينهن نچائن ٿا،
لائي توڙ نباهن ٿا.

مرد مجاهد محبت مچ ۾، روحي راز رچائن ٿا،
لائي توڙ نباهن ٿا.

بانڪا بيپرواهه بهادر، سڪ مان سِرَ وڍائن ٿا،
لائي توڙ نباهن ٿا.

بار برهه جو بيحد باري، سورهيه سر سهائن ٿا،
لائي توڙ نباهن ٿا.

شائق شمع تي اچي امالڪ، پنهنجو پاڻ پچائن ٿا،
لائي توڙ نباهن ٿا.

نسنگ نظر علي نينهن وارا، محبت موج مچائن ٿا،
لائي توڙ نباهن ٿا.

ڪافي_16

سهڻل تنهنجون اکيون اربيليون،گهورن سان دل گهائن ٿيون،
لائي توڙ نباهن ٿيون.

سهڻيون اکيون سڪ سوز وارن کي،راز پرين رنگ لائن ٿيون،
لائي توڙ نباهن ٿيون.

شهنشاهه شاهي شهباز اکيون، چست چنبن ۾ چائن ٿيون،
لائي توڙ نباهن ٿيون.

ڪنڊيون ڪيف ڪڪوريون ڪجليون،ڪوپن جا ڪنڌ لاهن ٿيون،
لائي توڙ نباهن ٿيون.

اکيون لاڪيڻيون لائق لکين لک، ديد ۾ ديد ملائن ٿيون،
لائي توڙ نباهن ٿيون.

نسنگ نظر علي نينهن نوازش، پيچ پريت جا پائن ٿيون،
لائي توڙ نباهن ٿيون.

كافي_17

تير اڪين جا تاب تڪيرا، گهور حسن جي گهٽي گهٽي.

دورؤن دوناليون دلبر سائين، سڌيون سيني ۾ سٽي سٽي.

جادو جلوه جوڙ حسن جو، جهٽ پٽ دلڙي جهٽي جهٽي.

حسن هزاري همدم حملا، سر عشاقن ڪٽي ڪٽي.

رمز ڳجهي رنگ راز روحاني، اکيون اندر ڏس پٽي پٽي.

نسنگ نظر علي نينهن نوازش، عشق جو وند دل وٽي وٽي.

ڪافي_18

مالڪ مولا مهر اوهان جي، ڳڻن متي ڳڻ ڳايون ٿا،
روحي رمز رلايون ٿا.

ميم محبت ميل محبوبي، دم دم ديد ملايون ٿا،
روحي رمز رلايون ٿا.

راز روحاني رقص رهاڻيون، عرشين خيال اڏايون ٿا،
روحي رمز رلايون ٿا.

واڳ وحدت وصل ورونهان، وينا وره وسايون ٿا،
روحي رمز رلايون ٿا.

حسن اوهان جو هر جا محڪم، پال پلايون پايون ٿا،
روحي رمز رلايون ٿا.

نظرعلي تي نينهن نوازش، نسنگ عشق نچايون ٿا،
روحي رمز رلايون ٿا.

ڪافي_19

قرب واري ڪل ڪچهري، مينهن موتين جو وسي.

عشق جي آمد آهي عجائب، نفس ناقص ڪي دسي.
پاڻ سان پيوند پرينءَ ڪيو آ، راز روحاني رسي.
سڪ جا سارا سبق سچارا، واڳ وحدت جي وسي.
بره بجلي چوڏس چمڪي، ڏيهه سارو پل ڏِسي.
نينهن نظر علي نور نرمل، پاڻ ۾ پنهنجو پسي.

كافي_20

حسن جي حاشي پڙهي، دؤر دم دم دل ڪري.
ميم معنىٰ موج محبت، دل اندر دلبر ذري.
عشق آٽي سر عشاقن، برھ جا بادل پري.
ناز پرور نور چشمان، واءُ وصل وارو وري.
حسن هادي حال همدم، سبق سوليءَ سر سري.
نينهن نقطو يار نظر علي، ذوق ذاتيءَ جي ذري.

كافي_21

ديدن جو درياھ، لس لهرين ۾ عاشق لوڙهي،
سورهيہ سير سنوان، دم دم ڪن ديدار اکين جو.

سهٽيون اکيون سبحان، ڪنديون ڪيف ڪڪوريون،
ڪن مشتاقن تي مار، اعلىٰ عجب اسرار اکين جو.

ترت ڪري طوفان، عشق الهٽ سر آيو عُش اقن،
ناهي بات بيان، پاڪ پرينءَ جي پيار اکين جو.

عين عجب انوار، جاڏي ڪاڏي جنسار جانب جو،
بلڪل باغ بهار، محبت مينگهہ ملهار اکين جو.

عشق آتش آڙاھ، جوان جلائي پتنگ پروانا،
باغ برھ بستان، گهوٽ غازي گلزار اکين جو.

نظر علي نروار، عشق آهي امام اسان جو،
صاحب ڪريم ستار، دل گهريو ديدار اکين جو.

ڪافي_22

ڏس پروڙي پاڻ ۾، سونهن پريو سردار وازرنگي رهاڻ تون.

گهريون گلابي پاڪ پوشاڪون، رنگ برنگي نهجو پريو ڏس پاڻ تون.
فاذڪروني نينهن نياپو، ياد يقينئون ليلو لِلي عشق آ ڪاڻ تون.
وفي انفسڪم عشق اشارو، دل اندر ديدار وحدت واٽ وٺاڻ تون.
هادي ڏي ٿيباڻ هٿن سان، هيرا لعل جواهر محبت موجون ماڻ تون.
نظرعلي آساڳي صورت، صاحب ڪريم سهڻا، سدائين ساڻ تون.

ڪافي_23

چا چئي مان چا چوان، محبت مينگهه ملهارا،
عجب نظارا.
عشق تنهنجي جو انت نه ڪوئي، نيزي سر نروارا،
عجب نظارا.
هر جا هادي حسن اوهانجو، جوڙ وڏي جنسارا،
عجب نظارا.
سهڻي صورت نور تجلا، سهڻا نيڻ نيارا،
عجب نظارا.
گهور حسن جي گهوٽ گنوايا، ماري جلد جيارا،
عجب نظارا.
نسنگ نظر علي نينهن نيڻن جو، بلڪل باغ بهارا ،
عجب نظارا.

ڪافي_24

عشق شهنشاھ مٺان عاشقن،محبت مينهن وسائين تون،
ناچو نينهن نچائين تون.

حسن حقيقت هر جاءِ هادي، لايو نينهن نباهين تون،
ناچو نينهن نچائين تون.

سر سبحاني نور نوراني، صورت پاڪ پسائين تون،
ناچو نينهن نچائين تون.

عشق آتش جو آڙه ٻاري، عاشق پاڻ پچائين تون،
ناچو نينهن نچائين تون.

ناز نيڻن جي نينهن نهوڙيا، روحي رمز رلائين تون،
ناچو نينهن نچائين تون.

نينهن نوازش نظر عليءَ تي، ٻاجهن پريو آهين تون،
ناچو نينهن نچائين تون.

ڪافي_25

عشق امام اسان جو اعليٰ، دل جو ديس وسائي ٿو،
ڏس نينهن نوان ڪيئن لائي ٿو.

عشق امالڪ اچي عشاقن، قربئون ڪات وهائي ٿو،
ڏس نينهن نوان ڪيئن لائي ٿو.

عشق شهزادو شاهه حسن جو، هر جا حڪم هلائي ٿو،
ڏس نينهن نوان ڪيئن لائي ٿو.

سورهيه سوليءَ سر سينگاري، گيت انا الحق ڳائي ٿو،
ڏس نينهن نوان ڪيئن لائي ٿو.

عشق عجائب عين اشارو، عاشق عرش اڏائي ٿو،
ڏس نينهن نوان ڪيئن لائي ٿو.

نسنگ نظر علي نينهن نوازش، ناچو ناچ نچائي ٿو،
ڏس نينهن نوان ڪيئن لائي ٿو.

ڪافي-26

عاشق ڪٺل اکين جا ڪيئي، پل پل پرت پڪارن ٿا،
ويل ڪنهين نہ وسارن ٿا.

مرد مجاهد باھ برھ ۾، ٻارڻ ۾ سر ٻارن ٿا،
ويل ڪنهين نہ وسارن ٿا.

گهور حسن گهوٽ گهايا، گوندر منجهہ گذارن ٿا،
ويل ڪنهين نہ وسارن ٿا.

ڦٽيل فيراقي بحر برھ ۾، طالب طلب تنوارن ٿا،
ويل ڪنهين نہ وسارن ٿا.

راتيان ڏينهان روح اندر ۾، ڳالهيون پرت پچارن ٿا،
ويل ڪنهين نہ وسارن ٿا.

نظر علي ڏس نينهن وارا، واڳون وحدت وارن ٿا،
ويل ڪنهين نہ وسارن ٿا.

ڪافي_27

عشق جي آتش تاب تکيرا، عاشق جان جلائن ٿا،
ڏس نينهن نوان ڪيئن لائن ٿا.

سانگ اسانگا سرجا لاهي، گهوري گهوٽ گهمائن ٿا،
ڏس نينهن نوان ڪيئن لائن ٿا.

راتيان ڏينهان روح پنهنجي ۾، رندي راز رچائن ٿا،
ڏس نينهن نوان ڪيئن لائن ٿا.

پرين پنهنجي پيارسان پورا، صورت پاڪ پسائن ٿا،
ڏس نينهن نوان ڪيئن لائن ٿا.

ڪوپا ڪاهي اچن اڏيءَ تي، قربئون ڪنڌ ڪپائن ٿا،
ڏس نينهن نوان ڪيئن لائن ٿا.

نظر علي تي نينهن نوازش، محبت مام ملائن ٿا،
ڏس نينهن نوان ڪيئن لائن ٿا.

ڪافي_28

پرين پيارا پيار اوهان جا، هر دم گل گلزار چوان،
بلڪل باغ بهار چوان.

عشق اوهان جو دائم قائم، ڪامل قرب قرار چوان،
بلڪل باغ بهار چوان.

ناز نيٹن جا نينهن نظارا، جوڙ عجب جنسار چوان،
بلڪل باغ بهار چوان.

عشق اوهان جو همدم حملا، ڏڙ سر ڏارو ڏار چوان،
بلڪل باغ بهار چوان.

صاحب ڪريم ستار سدائين، محب منو مننار چوان،
بلڪل باغ بهار چوان.

ناز نظر علي نينهن نوازش، دم دم جا ديدار چوان،
بلڪل باغ بهار چوان.

ڪافي-29

عشق جي آتش آهہ عجائب، ٻاريو ٻارڻ ٻاري ٿي،
جانب جيءَ جياري ٿي.

سوز سراسر سيني سمائي، پرتئون جام پياري ٿي،
جانب جيءَ جياري ٿي.

باهہ برهہ جي الا اٿاري، سهجئون سر سينگاري ٿي،
جانب جيءَ جياري ٿي.

حسن هزاري تاب تکيرا، ڏاڍا ڏاڍ ڏيکاري ٿي،
جانب جيءَ جياري ٿي.

سهڻي صورت يار سڄڻ جي، اندر عشق اجاري ٿي،
جانب جيءَ جياري ٿي.

نسنگ نظرعلي وات وحدت جي، ناريو دلڙي ناري ٿي،
جانب جيءَ جياري ٿي.

ڪافي_30

حال اندر جو اور الف سان، روحي ريجھ رهاڻ،
چاڻ انهيءَ کي چاڻ تون.

راتيان ڏينهان روح پنهنجي ۾، آهي عشق آڪاڻ،
پي سرڪي سڪ سنباڻ تون.

وفي انفسڪم اندر اشارو، صاحب تو سان ساڻ،
پنهنجو پاڻ سڃاڻ تون.

فاذڪروني نينهن نياپو، اهو اٿئي اهڃاڻ،
پنهنجو پروڙج پاڻ تون.

قرب جو ڪانڊو ڪاهيو ڪاهہ، ويجهو وصل وراڻ،
محبت موجون ماڻ تون.

نسنگ نظر علي نينهن نوازش، منجهہ وجود وٿاڻ،
پنهنجو نہ آڻج پاڻ تون.

ڪافي_31

مرشد مجلس موج محويت، روحي راز رهاڻ.

سڄڻ آئي ٿيا سوڻ سڻاوا، وري وصل وراڻ.

دلبر دل ۾ ديرا لاتا، پيار منجهاران پاڻ.

راتيان ڏينهان روح ۾ رلمل، عشق الف آڪاڻ.

قائم ڪچهريون قرب وارن جون، وحدت دل وٿاڻ.

نسنگ نظر علي نينهن نوازش، برهه ڏيکاريا ياڻ.

ڪافي_32

ليئو دل اندر ۾ پائي تہ ڏس تون، دلبر سان دل لائي تہ ڏس تون.

سيگهه ۾ سورهيہ سندرو ساهي، وحدت وک وڌائي تہ ڏس تون.

ونحن اقرب يار آ ويجهو، روحي رمز رلائي تہ ڏس تون.

وفي انفسڪم سنيهو سجاڻي، ڳجهه اندر ڳالهائي تہ ڏس تون.

گوءِ غازي ڪٺ مرد مردانا، ڪڏي ڪنڌ ڪپائي تہ ڏس تون.

هميشہ حسن سان همهہ حال همدم،نظر علي نينهن نچائي تہ ڏس تون.

ڪافي_33

مرد مولا جا موجون ماڻن، روحي رقص رهاڻ.

همدم هادي حق حضوري ڏس، پيهي اندر پاڻ.

رمز رندي رنگ راز روحاني، وحدت وجد وٽاڻ.

عشق پنهنجا عاشق اڏاري، پياري محبت ماڻ.

فاذڪروني فائق فرمان، صحيح سڏ سڄاڻ.

نظر علي ٿي نينهن نوازش، سائين هر دم ساڻ.

ڪافي_34

سنگت ساري کي سلام، وريا وڃون ٿا وطن واهيري.

نانگا ناسوتئون نڪري هل تون، پرينءَ ڏنو پيغام.

هر دم هادي لعل هٿن سان، جنگ پياريو جام.

مالڪ مولا موجود مدامي، دل خوشي ڏم ڏام.

سير سفر سڀ سانگ سڄايو، مليو عشق امام.

نظر علي ٿي نينهن نوازش، محبت موج مدام.

ڪافي_35

ڏورن ڏينهان رات، رهن يگانہ يار پنهنجي سان.

سوز فراق ۾ سامي سنرا، طلب تنين کي تاڻ،
تن من تار، تنوار پنهنجي سان.

عاشق عشق اڏاري عرشين، محبت مؤج مهراڻ،
خوب نشي، خمار پنهنجي سان.

جوڳي پنهنجي جوڙ جڳت ۾، روحي راز رهاڻ،
رهن پورا، پيار پنهنجي سان.

واٽ وندر سان وجن ويراڳي، عشق اندر آڪاڻ،
وحدت جي، واپار پنهنجي سان.

سمجهہ نظر علي سبق سائينءَ جو، وجودي واڪاڻ،
دل ۾ دم ديدار پنهنجي سان.

ڪافي_36

پنهنجو پاڻ سنڀال، دلبر ويٺو دل اندر ۾.

الانساني پاڪ پيشاني، حقيقت هي حال،
نيڻن نظارو نور نظر ۾.

وَنحن اقرب واحد ويجهو، مجلس محب مقال،
عينن واري اول نمبر ۾.

وفي انفسڪم سمجهه سنيهو، عشق سندو احوال،
محبت واري موج مندر ۾.

عشق اوپڙو الٽ اواگهين، ملن ناهي مجال،
بيحد بازي برهه بحر ۾.

سمجهه نظر علي سير صفاتي، ڳجهي پرينءَ ڳال،
سودو سارو صافي سر ۾.

ڪافي_37

عجب نظارو نينهن وارن جو، نيزي سر نروار چوان.

مهر محبت موج مدامي، وحدت جو واپار چوان.

صبرسلامت سوزسوايو، پنهنجي پرينءَ جو پيار چوان.

موج منصوري من خدايم، بيشڪ بي اختيار چوان.

اڪيون عاشق ڪهن ڏهاڙي، شاهي شوق شڪار چوان.

نظر علي ٿي نينهن نوازش، بلڪل باغ بهار چوان.

ڪافي_38

شاهه حسن جو شان الاهي، سهڻيون اکيون سبحان چوان.

ناز نيڻن جي نظر نهوڙيا، جوڳي جنگ جوان چوان.

جلوه حسن جي جوت جلايا، پرت پتنگ پروان چوان.

سهڻي صورت يار سڄڻ جي، بيحد بات بيان چوان.

نسنگ نظر علي نينهن نظارو، نيزي سر نيشان چوان.

ڪافي_39

محبت جي ميدان ۾ ڪاهي، آءُ عاشق اچي نچ تہ سهي يلا!

باھ برھ جي پيہ پڙڪا، پئي پتنگ جيان پچ تہ سهي يلا!

پيءُ پيالو هٿان هاديءَ جي، موج انهي ۾ مچ تہ سهي يلا!

صاف سراسر حسن جي بازرسودو سر جو ڪج تہ سهي يلا!

لاڳاپا سڀ لوڪ جا لاهي، راھ رندن ۾ رچ تہ سهي يلا!

محب نظر علي مليو ميرانپورسهٹو ستارل سچ تہ سهي يلا!

ڪافي_40

جهوڪ فنا هي ماڳ مسافر، غافل ٿي نہ گذار.

هلڻو هر گز هر ڪنهن آهي، پلپل پوي پڪار.

راتيان ڏينهان روح پنهنجي ۾، ڪر دل اندر ديدار.

اڏر پکيئڙا ور واهيري، واڳ وطن تي وار.

کهڙي سانگ سبب تون آئين، سارِي سرت سنڀار.

نظر علي رک فڪر فنا جو، وايون ڪل وسار.

ڪافي_41

محبت جي ميدان ۾ ڪاهي، آءُ اچي سر سٽ تہ سهي يلا!

دم حياتي گهڙيءَ گذارواڪيون اندر جون پٽ تہ سهي يلا!

هل همت ڪرهوت پنهنجي ڦيڙهہ ڪري وٺ جهٽ تہ سهي يلا!

سورهيہ سندرو سوگهو ساهيڙي برهہ جي ڪٽ تہ سهي يلا!

نظر علي ڪر سر جو سوهڙو ڪپٽ ڪي ڪٽ تہ سهي يلا!

ڪافي_42

اڏر پکيئڙا وڃ وطن ڏي، واعدا ڪين وسار.

ديس ڇڏي پرديس تي آئين، سانگي ڪنهن سيار.

دم حياتي ڏينهنڙا، محبت گهڙيون گهار.

وٺ مسافر واٽ وحدت جي، پنهنجي سرت سنيار.

لنگهي لاهوتي لهريون لانگها، پرت پهتا وڃي پار.

نڪري هل ناسوت منجهاران، نظر علي نروار.

ڪافي_43

آءُ ٻاروچل اگھڻ اسان جي، ڪيون روح رهاڻ.

دم دم دلبر دلڙي ساري، واري ڪج وراڻ.

بيشڪ بيحد بي پرواهيون، تو نہ ڪنهن جي ڪاڻ.

حسن هزارين گھوٽ گنوايا، جلوي جادو ساڻ.

ملڪ معشوقن منئي محبت، طلب اڪين ڪي تاڻ.

نظر علي ٿي نينهن نوازش، پرينءَ پسايو پاڻ.

ڪافي_44

عشق اڪين جو عجب نظارو، عاشق عرش اڏاري ٿو.

عشق ٿو آڻي عاشق پنهنجا، اندر دل اجاري ٿو.

گھور نيڻن سان گھائي عاشق، ماري جلد جياري ٿو.

سوز وارن کي سهڻو ساقي، پيار اڪين جو پياري ٿو.

نينهن نسنگ نروار ڪري، نيزي سر سينگاري ٿو.

نظر علي ٿي نينهن نوازش، ڪاهيو قرب قطاري ٿو.

كافي_45

اصل اکين جا کم اهي، مرکيو عاشق مارن ٿيون.

گهورنيڻن جي گهائي عاشق، ڏاڍا ڏاڍ ڏيکارن ٿيون.

قربئون قابو قيد کري دل، عينئون عين اجارن ٿيون.

راز روحاني رمز رلائي، پر کر جام پيارن ٿيون.

ناز نيڻن نروار نهايت، سُولي سر سينگارن ٿيون.

نظر علي ٿي نينهن نوازش، عشقئون دل اڏارن ٿيون.

كافي_46

هر دم حامي حال منهنجي جا، صاحب کريم ستار سخي.

اڳڻ اسانجي آءُ پيارا، پاڪ پرين پڳدار سخي.

اڻ لائق تي لائق اوهانجا،لکين لک هزار سخي.

ڳجهيون ڳالهيون ڳجهہ اندر ۾، محبت جون منتار سخي

سائل جو سڻ سوال سگهوئي، دل گهري دلدار سخي

نظر علي ٿي نينهن نوازش، بلکل باغ بهار سخي.

ڪافي_47

ڪڻ اڪيون ڪل يار، ماڻا ڪري هيئن ڇو ٿا ماريو؟!

دردمندن جي دل تي دلبر، باري برهه جا بار،
عشق اندر ۾ آنبهه ٻاريو.
سوز وارن جي سهڻل سائين، دل گهري ديدار،
صورت پنهنجي پاڪ پسايو.
نذر نماڻي نينهن نهوڙيل، آهيان اجاري يار،
جام محبت پرتئون پياريو.
حسن تنهنجي جا سوِين سلامي، لکين لک هزار،
قيد ڪَيُو ڏيئي عين اشارو.
نظر علي جو سوال سڻو هي، پاڪ پرين **پڳدار،**
ڪاهل ڪاهي قرب قطاريو.

ڪافي_48

مرردمه جاهد مست ميٺا ڦي ، موج الاهي ماڻن ٿا.

بحر عميق مان سوجهي سا مي، محبت موتي آڻن ٿا.
موتو قبلل انت موتو، جا ڻ سپيئي ڄاڻن ٿا.
واٽ وحدت سان وجن ويراڳي، سورهيه سر سڄاڻن ٿا.
سولي نيزو سير تنين جو، قول پرينءَ سان پاڙن ٿا.
نظر علي ڏس نينهن وارن ڏي، پنهنجو پاڻ نه آڻن ٿا.

كافي_49

رمز روحاني رقص رهاڻيون، بيحد برهہ بياضَ.

عشق عجب رنگ عاشق اجاري،ٻاري مچَ مجازَ.

عاشقَ الستئون مستَ مدامي، شهنشاهہ شهبازَ.

سر نسنگ نروار نيزي تي، پرت وڏا پروازَ.

سورهيہ سولي سر سينگاري، انا الحق آوازَ.

نسنگ نظرعلي نينهن نچائي،سڪ وڄائي سازَ.

كافي_50

پيوند ڪيو آ پيار پنهنجي سان،روحي رمزرهاڻ سخي.

تن من تار تنوار اندر ۾، پرتئون پڙهان پاڻ سخي.

لڪين لائق قرب اسان تي، وصل ورونهن وراڻ سخي.

مهر محويت موج الاهي، محبت پريو مهراڻ سخي.

عين عجائب چال چلن ٿيون، اعلىٰ عشق آڪاڻ سخي.

نظر علي تي نينهن نوازش، مليا ڏوڙا ڏاڻ سخي.

ڪافي_51

عشق واري ايوان مان، محبت موجون ماڻ تون.

لا تقنطو ڪري تڪيو، صحيح سنيهو سڃاڻ تون.
ونحن اقرب اتيءِ واحد ويجهو، وڙج دل وٽاڻ تون.
عرشين خيال اڏارج عاشق، سڪ سرڪي ساڻ تون.
وفي انفسڪم سمجهه اشارو، ڳولج پنهنجو پاڻ تون.
لاڳاپا سڀ لوڪ جا لاهي، وحدت سان دل واڻ تون.
نظرعلي ڏس دل ۾ دلبر، طرف نه ٻي ڪنهن تاڻ تون.

ڪافي_52

ويجهو وصل واپار، سوز وصل سڪ عشق امانت.

عاشق پنهنجو عشق اجاري، سهڻو ڪري سينگار،
رمز روحاني شوق شهادت.

بوهه جو بادل بوسي آيو، محبت مينگهه ملهار،
هر دم هادي عشق سلامت.

سائين سدائين ظاهر باطن، وٺي ناهي ڪو وار،
راتيان ڏينهان روحي رياضت.

سي حرفي سنڌي

الف: اورن اندر ۾، ڳجهو ڳالهائين،
پرت وٺن پاڻ مان روحي راز رهن،
اٿن ويهن پاڻ ۾ ٻيو ڪين ٻڌن،
نظر علي وڃن،اڏريا پنهنجي عشق سان.

ب: بيحد بحر بقا ۾، غازي گم ٿيا،
پيهي اندر پنهنجي، ٻاريئون ڏيل ڏيئا،
ويا سي وڃڻ ڪي وري ڪين وريا،
نظر علي ليئا، پايو ڏسن پاڻ ۾.

ت: تهدل توڪل ڪري، لنگهيا منجهہ لهرن،
سامي سونهان سير جا، جيئن تاروئڙا ترن،
وحدت سندي وهڪري، ڏوريو پيا ڏورن،
پهرئين پور پريت جي پرئين پار پڄن،
نظر علي رهن، هر دم پنهنجي حال ۾.

ث: ثابت ٻڌي سندرو، سامي سنبريا،
وحدت واريءَ واٽ سان پختا پنڌ پيا،
فاذڪروني اذڪرڪم، واڪيندا ويا،
آيا ملڪ امن ۾، راضي روح رهيا،
وري وطن پنهنجي گهرا گڏ ٿيا،
نسنگ نينهن ٿيا، جي آيا آر اڪين جي.

ج: جوڳي جهان ۾، جهد جفائون ڪن،
انئي پهر اڪنڊ ۾، پلپل پرين پڪارن،
سٺون ساري سور جون، سبق پرت پڙهن،
نظر علي رهن، سامي سوز فراق ۾.

ح: حال حقيقت هڪ هڪوئي پنهنجو پاڻ پڇاڻن تا،
وفي انفسڪم عشق اشارو، سالڪ سرسجاڻن تا،
پرجهن پسن پاڻ اندر ۾، جاڻ انهيءَ ڪي جاڻن تا،
راتيان ڏينهان روح ۾ رلمل، موج محبت ماڻن تا،
نظر علي تي نينهن نوازش، طرف محبت تاڻن تا.

خ: خوب حسن صورت سهڻي سهڻل ڪن سينگار،
عين عجائب شاهه شاهانا، شوقئون ڪن شڪار،
عاشق مارن وري جيئارن، ڪن سودو سر واپار،
بيواهن جي واهه حسن آ، پرين ڪري ٿو پيار،
نظر علي نروار دم دم حج حضور ۾.

د: درد دولت دل جي، ساميئڙا سانڍين،
ٻاهر ٻولن ڪين ڪي، ڳجهو ڳالهائن،
اندر اور الف سان، راتيان ڏينهان تن،
سور ٻه ٽيا سنگتي، سونهان سپيرين،
نظر علي روز رهن دوست سندي درٻار ۾.

ذ: ذاتي ذڪر ڪر، ڏي فڪر جا ڦيرا،
فاذڪروني اذڪرڪم، ڪر يونئرن جيئن ڀيرا،
ونحن وينو ويجهڙو، لائي دل اندر ديرا،
جوڳي جوڳ جڳت ۾، اٿن ساجهر سويرا،
نظر علي دل دليرا، پهتا ملڪ عميق ۾.

ر: رمز روحاني، رندي راز رهاڻ،
قلب مومن عرش ڪرسي، پرين وينو پاڻ،
الانسان سري وانا سرهٗ، صحيح سر سڄاڻ،
نظر علي ڄاڻ، سڀ ۾ سوجهرو صورت جو.

ز: زوراور ذوق ذاتي جا،ساميئڙا سونهان،
لامقصود في دارين الاهو، روحي راز روان،
وحدت واري وات ۾، ڪن وصل ورونهان،
پهتا پرينءَ پار ڏي، لائي نينهن نوان،
نظر علي سير سنوان، جانب جوڳيئڙن جا.

س: سويري سامي سنبريا، پرينءَ سندي پار،
نڪري هليا ناسوت مان، لاهي لوڪ ميار،
هيڪڙائي ۾ هڪ ٿيا، دوئي ڪيائون ڏار،
نظر علي نروار، ڪيا عاشق عشق الله جي.

ش: شهنشاهه حسن محبوبي، شور پريون شهباز اکيون.
ناز غماز سان گهائن ڪيئي، عاشق بي انداز اکيون،
تاب عقابي رکن تمامي، رمز روحي رنگ راز اکيون،
بي پرواهه بادشاهه ڪن، چوڪي عاشق چؤباز اکيون،
نينهن نظر علي توڙ نباهن، فضل ڪن فياض اکيون.

ص: صبر سير ساميئڙن، وحدت وات وجن،
پنهنجو ڏسن پاڻ ۾، لوچي لعل لهن،
رقص رهاڻيون روح ۾، راتيان ڏينهان تن،
نظر علي رهن، هر دم پنهنجي حال ۾.

ض: ضرور ضد ڦتي ڪر، ٿي وحدت وڏجارو،
قربئون قدم وڌائي ڪر تون، سير سڄو سڪ وارو،
خلق الآدم عليٰ صورت، سر صحيح ڪر سارو،
نظر علي ڏس نور نظارو، هر دم پنهنجو پاڻ ۾.

ط: طالب رهي طلب ۾، پرهه پنڌ پيا،
سندرا ساهي سڪ جا، وحدت واٽ ويا،
محبت محبوبن جي، قابو قرب ڪيا،
بيحد باهه برهه ۾، سڙي سچ ٿيا،
ليئي منجهه ليئا، پائي پسيائون پاڻ ۾.

ظ: ظاهر باطن ذڪر ذاتي سان وحدت وندو وٺن،
سُرڪيا سوز گداز جا، پرتئون جام پيئن،
محبت مانجهي موج ۾، ساهه نه سانگو ڪن،
ڪاهي ڪڏي پڙ ۾، غازي گهوٽ گِهرن،
نظر علي پسن، پرين پنهنجو پاڻ ۾.

ع: عجائب شاهه شاهانه عاشق ڪي رنگ لائن،
ٻئي ٻاجهارا ٻاجهن پريا، محبت مام ملائن،
نور تجليٰ ني ڻ نسنگي، روحي راز رلائن،
هَلن حقيقت سامهون، ناتو نينهن نباهن،
نظر علي قرب اڪين جو، عاشق شهادت پائن.

غ: غازي گم غير ڪري، محبت مچ مچاءِ،
وٺ پرين سندو پيچرو، وحدت وڪ وڌاءِ،
چڙي لاڳاپا لوڪ جا، پنهنجو نينهن نچاءِ،
محبت سندي مچ ۾، جيئري جان جلاءِ،
جانب سندي جاءِ، ميلا ڪر محبوب سان.

ف: فڪر ڪر اٿئي فاني دنيا، ماڳ مسافر خانو،
جنهن سانگي سير ڪرين ٿو، محبت لهه مئخانو،
عجب نظارو جهان سارو، ڪوليو عشق خزانو،
اڏر پکيئڙا ور واهيري، ٿي ياقي يار يگانو،
جو اٿئي اصل آشيانو، اڏر نظر علي اوڏهين.

ق: قدر ڪر، جند جان صدق سر سارو،
پاڻ وڃائي پاڻ کي ڳولج، پاڻ ۾ پرت پسارو،
الانساني پاڪ پيشاني، پس نوري يار نظارو،
والله بڪل شئيءُ محيط، سڀ ۾ سڄڻ پيارو،
نظر علي نينهن نغارو، هڻ نفيءَ ۾ اثبات جو.

ڪ: ڪمال حسن جو بيحد، ڪهڙي بات بيان چوان،
شهنشاهه شهباز اکيون، سهٽيون ٻئي سبحان چوان،
لحظي لحظي ڏين لامارا، جهڙپي وٺن جند جان چوان،
لکين عاشق لٽن ڏهاڙي، راز پريون رحمٰن چوان،
عشق حسن جو عجب نظارو، نظر علي نيشان چوان.

ل: لهر ۾ عشق جي عاشق، پنهنجو سر اڇلائن ٿا،
وحدت واري وير ۾ ، ڪامل عشق ڪڏائن ٿا،
بانڪا بيحد بحر بقا ۾، بيخود موج مچائن ٿا،
سمنڊ سارو سير تن جو، صحيح سر سجاڻن ٿا،
نظر علي ڏس نينهن وارا، نيزي سر نچائن ٿا.

م: محبت مؤج الاهي، پنهنجي پرينءَ جو پيار چوان،
راز روحاني رسم رندن جي، وحدت جو واپار چوان،
ڳالهيون ڳجهه اندر جون، عشق ڪري اظهار چوان،

عين عجائب نور نظارو، نينهن نسنگ نروار چوان،
قرب نظر علي قائم دائم، دلبر جو ديدار چوان.

ن: نسنگ ناز پرين جو، شؤقون شاهه شڪار ڪري،
ڪجل پائي رمز رلائي، عينئون عين اجار ڪري،
برهه جا بانڪا شير بهادر، ماڻن سان مار ڪري،
معنىٰ ذاتي سير صفاتي، عشق آيو اظهار ڪري،
نظر علي ظاهر باطن، پرين پنهنجو پيار ڪري.

و: وصل جو وريو آ ويجهو، اڱڻ پرين اچ ايندا،
غم وهم سڀ دل جا دلبر، لحظي هڪ لاهيندا،
راز روحاني رقص رهاڻيون، محبت ميلا ٿيندا،
اول آخر ظاهر باطن، هم ءحال وندبيندا،
پيچ پريت جو پيارا پائي، نال نظر علي نيندا.

هه: همت ڪر سنبر سويرو، هر گز هتان هلڻو آ،
فاني دنيا جو فڪر ڪهڙو، ڇا ڪرين ته ٻه ڇڏڻو آ،
حڪم هادي جو ڪيو همدم، ڪم اهو ئي ڪرڻو آ،
نظر علي ٻڌ نينهن جو نياپو، وطن واپس ورڻو آ.

ي: يقين رکي ٿي ياقي، پنهنجو پاڻ سڃاڻ،
پيهي اندر پاڻ ۾، ڪر وحدت دل وٺاڻ،
پاڻ وڃائين پوءِ سڃاڻين، جاڻ انهيءَ کي جاڻ،
سهڻي صورت نور نوراني، ثابت صحيح سڃاڻ.
نظر علي صاحب ساڻ، راتيان ڏينهان روح ۾.

سي حرفي (سرائکي)

الف: اللہ اظھار کیتا، جوڑیس اي جڳ سارا،
میم محبت باغ بقا دا، بیحد برھ بھارا،
حسن ماھي دا ھر جا وسدا، کیتا پرت پسارا،
نظر علي سھٹیا اکیان دا، ویکو نینھن نظارا.

ب: باري بار برھ دا کاھي، سر عُشاقان آوندا،
نوک نینان دي چوٹ چلاوي، خون جگردا کاوندا،
دفتر درد فراق دا دم دم، نال پریت پڑھاوندا،
نظر علي اھو عشق اویڑا، نیزي نینھن نچاوندا.

ت: تاب حسن دي تاب کیتي ھي میڎي دل دیواني،
ماٹا کر من موھ ڳیا، پئي مست قري مستاني،
عرض اساڎا قرب تساڎا، قیاس کرین دل جاني،
نظر علي دي اگڻ پیارا، کرین آوڻ دي احساني.

ث: ثابت تون سھٹا سائین، مالک مظھر ساري دا،
سانگ محبت سیر کیتوئي، چھڑیا تخت ھزاري دا،
عشق تساڎي نال عشقان، پیوند پرت پساري دا،
نینھن نوازش نظر علي تي، نسنگ نیڻ نظاري دا.

ح: حال حبيب هيٹا ڈاڍا، کر کامل قرب کڈاهين،
آيا بار برهہ سر باري، درد واليان سڻ دانهين،
عشق تساڈا ٻهون اويڙا، برهہ ٻڇئيندا باهين،
نظر علي آ اگݨ پيارا، کران عرض اِهو ٻڌ ٻانهين.

خ: خوب حسن دي خوبي ويکو، برهہ دا بار ستيندا،
نال اکين دي کري لڑائي، تيغان تير چٹيندا،
شهنشاهہ شکار کريندا، سينا چير ڦٹيندا،
حسن اساڈا هادي رهبر، هک لحظي دل لٹيندا.

د: درد انعام عشاقان، چم چشمان تي چاوندي ني،
وچ ميدان محبت والي، کُوپي کنڌ کپاوندي ني،
آتش عشق آڑاهہ اندر، جينديان جان جلاوندي ني،
نظر علي عشق ماهي دا، نيهي نينهن نڀاوندي ني.

ذ: ذاتي هي ذوق ملڻ دا، ماهي مک وکاوين،
درد واليان دي دل وچ دلبر، برهہ ٻاليندا باهين،
اگݨ اساڈي سهٹا سائين، ول ول ڦيرا پاوين،
نظر علي اتي نينهن نوازش، تئڈيان لک پلائين.

ر: رمز روحاني راز الستي، عشق تئڈي اظهار کيتا،
نال نينان دي چوٹ چلاکي، عاشق اپنا مار نيتا،
حسن تساڈا نور تجليٰ، نينهن نسنگ نروار کيتا،
نظر علي ٹيا نينهن نگهبان، پياري اپنا پيار کيتا.

س: سبحان الله سهڻا، هس کر دل کس ڳڏوئي،
باز برهہ بڇ مئڏي سر تي، بيوس يار کيتوئي،
نال قهري ڪجليان اکيان، عاشق مست کيتوئي،
نظر علي کر نينهن نوازش، دلڙي هٿ کيتوئي.

ش: شهنشاهہ حسن تساڈا، لحظي دل لٹيندا هي،
حسن اساڈا هادي رهبر، وحدت ونڊ ونڊيندا هي،
بيواهان دي واهہ حسن هي، جام محبت ڈيندا هي،
نظر علي کر نينهن نوازش، روحي رمز رليندا هي.

ص: صبر عاشقان ويکو، جي کات نينان دي کُٺي،
درد ونديان دي دل وچ، دم دم برهہ ٻاليندا ٻٺي،
وحدت والي واٹ وندر وچ، سر دي لڳدي سٹي،
قرب پرين دا ظاهر باطن، نال نظر علي کٺي.

ط: طور عجب عينان دا گھور پهلي نال گھاونديان ني،
وحدت واٹ وصل وچ، پلپل جام پلاونديان ني،
ماڻ حسن دا کرکي دلبر، روحي رمز رلاونديان،
نظر علي تي نينهن نوازش، لائق لڄپالان ديان ني.

ظ: ظاهر باطن طلب اسان نون، اپڻي عشق امام دي،
خبر نهين ملان قاضيان، عشق والي ذوم ذام دي،
عاشق موجان ماڻن، مستي محبت والي مام دي،
نظر علي تي نينهن نوازش، اصل عشق احرام دي.

ق: قدر معشوقان دا، کي سورهيہ مرد سجاڻن،
وچ ميدان محبت والي، مانجهي موجان ماڻن،
صحيح سجود صورت کون، طرف بي نہ تاڻن،
صدقا انهان عاشقان تون، جي آپ وچون نہ آڻن،

ک: کمال ڪجليان اکيان دا، محبت مار کريندیان،
بي پرواهہ بادشاهہ اکيان، شوق شکار کريندیان،
عاشق مار اجارن جلدي، نينهن نروار کريندیان،
صدقا انهان اکيان تون، جو گهوريان ديدار ديان.

ل: لعل بي مثال ماهي ديان اکيان، ويکو سکيان،
جهٺ پٺ جهٺ ڏي دليان جهٺيان، ويکو سکيان،
عجب نظارا اکيان دا، راز پريان رب رکيان، ويکو سکيان،
نظرعلي نينهن لاکي، آپي آکي ٻکيان، ويکو سکيان،

م: محبت مرد مولا دي، ياکي رهن يگاني،
رهٽي کهٽي هور انهان دي، محبت وچ مستاني،
رمز روحاني رقص کريندي، بيحد برهہ بياني،
نظر علي اهي گوهر غازي، درس رهندي ديواني.

هہ: همدم هر حال اساڏا، معلوم تئکون سارا،
اگڻ آوين قرب ونداوين، پلپل پرين پيارا،
مهر تساڏي ظاهر باطن، صاحب ستار سوپارا،
نظر علي تي نينهن نوازش، بلکل باغ بهارا.

ن: نسنگ هي نينهن تساڎا، نرمل نور نظاري،
بحر بي پايان عشق دي اندر، عاشق ترن اوياري،
برهه دي بازي کيڎن غازي، کردي پرت پساري،
مرد مولا دي يار نظر علي، نينهن مريندي نعري.

و: واهٔ وصال دا گهليان وهه واهه، آوندي بوءِ بهاردي هي،
دم دم خوشبو دل وچ آندي، محبت مينگهه ملهار دي هي،
راتيان ڎينهان روح اندر وچ، پياس پرين دي پيار دي هي،
نظر علي اتي نينهن نوازش، سهڻل يار ستار دي هي.

ي: يار اسا ڎا سهڻل سا ئين، پرتئون جام پلاوندا،
کول کريندا قرب وندٻ يندا، روحي رمز رلاوندا،
نت مريندا نوک نينان دي، چوٽان چوٽ چلاوندا،
نظرعلي نين لڑا کي، نسنگ نينهن نپاوندا.

بيت

- جي ڀانئين جوڳي ٿيان، ڄاڻ انهيءَ کي ڄاڻ،
وحدت واري ويڙ ۾، پنهنجو اڇل پاڻ،
پيهي لهه پاتار مان، محبت موتين کاڻ،
نظر علي ڄاڻ، پنهنجو اٿئي پاڻ ۾.

- جي ڀانئين جوڳي ٿيان، مدئي ڪٽي مار،
ڇڏي ليڪا لوڪ سان، وهيون سيوئي وار،
ڪر لڙائي لآ جي، سيني تي سٿڪار،
چڙهي نشو نينهن جو خاصو خوب خمار،
نظر اچئي نور پريںءَ جو، الاهي اسرار،
نظر علي ورهه واپار، پنهنجو اٿئي پاڻ ۾.

- جي ڀانئين جوڳي ٿيان، ڪڻ سچائي ساڻ،
وحدت واري ويڙ ۾، پنهنجو اڇل پاڻ،
نظر علي ڄاڻ، پنهنجو اٿئي پاڻ ۾.

- پنهنجو اٿئي پاڻ ۾، دل جي دري کول،
ونحن اقرب ويجهڙو، ڀل نہ ٻي ڪنهن ڀول،
ڳجهي ڳالهه ڳجهه جي، ڳولو ٿي تون ڳول،
نظر علي ٻول، پنهنجو اٿئي پاڻ ۾.

- پنهنجو اٿئي پاڻ ۾، ساڳيو سر ستار،
وفي انفسڪم افلا تبصرون، دل اندر ديدار،
اورون اورج پاڻ ۾، ڪر وحدت جو واپار،
نظر علي پيار، پنهنجو اٿئي پاڻ ۾.

- پنهنجو اتئي پاڻ ۾، حقيقت هي حال،
آڏر آشياني پنهنجي ٽوڙ دوئي جا دوال،
وحدت واري واٽ سان، مٽين محبت مال،
نظر علي، احوال، پنهنجو اتئي پاڻ ۾.

- پنهنجو اتئي پاڻ ۾، ڏيهيءَ اندر ڏس،
اندر روح رهاڻيون، پرين وينو پس،
وحدت جي واديءَ جو، غازي ونج گس،
نظر علي رس، محبت جي ميدان ۾.

- پنهنجو اتئي پاڻ ۾، ساڳيو سر ستار،
ونحن اقرب ويجهڙو، وٺي ناهي وار،
نظر علي نروار، آهي عشق الله جو.

- محبت جي ميدان ۾، غازي گهوٽ اچن،
سر تريءَ سورهيه کنيو، مانجهي ڪين مڙن،
جي وجن وحدت واٽ سان، وري ڪين ورن،
نظر علي روز رهن، محبت واري ملڪ ۾.

- محبت واري ملڪ ۾، روحي راز رهاڻ،
پنهنجو لهن پاڻ ۾، محبت موتين کاڻ،
وحدت وادي جي وجن، وصل ڪن واڪاڻ،
نظر علي جاڻ، پنهنجو اتئي پاڻ ۾.

- عشق اصلئون اجهل اويڙو، خون جگر جو کائي،
زورؤن زور زوراور زابر، گهوٽ لکين ٿو گهائي،
ملڪ دلين تي اچي امالڪ، باهه برهه پڙڪائي،
نظر علي سان پائي، پختا پيچ پريت جا.

- پائي پختا پيچ پريت جا، ڪئي دلڙي هٿ دلدار،
سهٽيون اکيون سهٽل جون، شؤقون ڪن شڪار،
عاشق مارن جلد جيئارن، پلپل ڪن ٿيون پيار،
نظر علي نروار، ڪيئي نسنگ نينهن نهوڙيا.

- نسنگ نينهن نهوڙيا، ناميا، مانجهي مرد مٿير،
سوين سولي سڏي سينگاريا، نيزي سر ڪن سير،
عشق اکين جا آندا اڏيءَ تي شوق شهادت شير،
دولهه ڪي دلير، نظر علي ايندا آڳهه عشق جي.

- ايندا آڳهه عشق جي، ڪي مانجهي مٽيادار،
بي سر انهيءَ بحر ۾ تي بيخود بي اختيار،
گهڙندا آڙاهه عشق ۾، جن پرت لڳيءَ جا پار،
نظر علي نروار، ڪن سودو صاف سرن جو.

- سودو صاف سرن جو، سڪ وارا ٿا ڪن،
ماريا محبوبن جي، نازڪ نينهن نيڻن،
پرت وٺن پاڻ مان، ڪنهن سان ڪين ڪچن،
نظر علي روز رهن، دوست جي درٻار ۾.

- دوست جي درٻار ۾، پي پريمي پيالا،
مئي محبت ماڻ تون، مست رهي متوالا،
قرب اکين ۾ قابو ٿي رهه، چاهه پريا ڏس چالا،
نظر علي اعليٰ، آهي شان اکين جو.

- آهي شان اکين جو، ٿيون عاشق اجارين،
صورت پسائين دل وسائين، پيچ پريتي پائين،
ٻاجهاريون ٻاجهه پريون، روحي راز رلائين،
نظر علي آهين، لکين لائق اکين جا،

- لکين لائق اکين جا، محبت ماٽائين،
آٽيو ملڪ امان ۾، دل وحدت واٽائين،
صفا سوجھرو سونهن جو، سر سجاٽائين،
نظر علي آهين، لکين لائق اکين جا.

- لکين لائق اکين جا، ڳڻ وينا ڳايون،
پانڌيئڙا پاڻ ۾، روحي راز رلايو،
نظر علي نچايون، سدا عشق اکين جو.

- لکين لائق اکين جا، ڳڻ وينا ڳايون،
اڻ لائقن تي لائق اکين جا، پال پلايون پايون،
قرب پريو ن ڪريمي اکيون، ٻولي دل ٻڌايون،
نظر علي نچايون، سدا عشق اکين جو

- جاچي ڏس جهان ۾، آ طمع جو تڪرار،
ڪي مارن ۾ مري ويا، ڪي گم ٿيا منجھ گار،
خودي ۽ ڪوڙ ڪپائيا، هزارين هزار،
نانگا وج تون نڪري، لاهوتي ڏيئي لار،
ٻنا سودي سائينءَ جي، ٻيو ڪوڙو وٽج واپار،
هڪ هوڏ حرام حديث ۾، ٻي پرائي پچار،
نظر علي واپار، پنهنجو اٿئي پاڻ ۾.

سرائڪي بيت

- ميڪون ماهي يار ديان، تن وچ تانگهان لڳيان،
عشق ڪيتا مدهوش مئڪون، درد فراقان ڦٽيان،
نظر علي روزان روز نيان، نوڪان نينهن ديان.